ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

68 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) اڱارو 30 جون 2026ع 14 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 رپيا شمارو (314)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Monday 29th June 2026

Daily Ibrat Karachi

ايران دوحا ۾ ڳالهين لاءِ درخواست ڪئي آهي: ٽرمپ جي دعويٰ، ڳالهين لاءِ حالتون سازگار ناهن: ايران

آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ دوحا ۾ طئي ٿيل ٽيڪنيڪل ڳالهين بابت ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن جا تڪراري بيان سامهون اچڻ لڳا، ايران سان ڳالهائي دوحا ۾ ٿي رهي آهي: ٽرمپ

ايران جي ٽيڪنيڪل ڳالهين واري ٽيم جي سربراهه ڪاظم غريب آبادي اڱاري تي ٿيندڙ ڳالهين جي ترديد ڪري ڇڏي، آمريڪا جي ڪيل واعدن تي عملدرآمد بابت قطر سان صلاح مشورا جاري

ايران سان ٽيڪنيڪل ڳالهين لاءِ آمريڪي نمائندا اسٽيو وٽڪوف ۽ جارڊ ڪشنر دوحا روانا ٿي رهيا آهن (وائٽ هائوس جي تصديق) ايران سان اجلاس جي موقعي تي ڪيون ويندو: آمريڪي عملدار

ٽيڪنيڪل ڳالهين جو پهريون دور لاڳاپيل ورڪنگ گروپس جي فريم ورڪ تحت تڏهن ٿيندو جڏهن حالتون سازگار هونديون ۽ تاريخ ۽ هنڌ تي اتفاق ٿي ويندو: برطانوي ميڊيا جي دعويٰ

دوحا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ دوحا ۾ طئي ٿيل ٽيڪنيڪل ڳالهين بابت ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن جا تڪراري بيان سامهون اچي رهيا آهن هڪ پاسي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي پنهنجي پوسٽ ۾ لکيو آهي ته ”ايران هڪ ڳالهائي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ريلوي 115 ارب روپيا روينيو هدف حاصل ڪري ورتو

ايم ايل ون جو افتتاح سيپٽمبر ۾ متوقع آهي: وفاقي وزير حنيف عباسي

دويزن جي لينڊ ارننگ ۾ به 50 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

راولپنڊي (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران صوبن جي مشاورت سان جامع قومي زرعي پاليسي جلد کان جلد جوڙڻ جي هدايت

زرعي شعبو پاڪستان کي پائيدار ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو: وزيراعظم

زرعي قرض پروگرام بابت ملڪ گير آگاهي مهم شروع ڪئي وڃي ته جيئن آبادگارن کي آسان زرعي قرضن تائين پهچ وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي

پاڪستان نيشنل اوليو ويليو چين پاليسي تي مشاورت مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ جلد منظوري جي لاءِ پيش ڪئي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ايگريڪلچرل ريسرچ ڪائونسل کي صحيح معنيٰ ۾ زرعي تحقيق جو مرڪز بڻائڻ ۽ صوبن جي مشاورت سان جامع قومي زرعي پاليسي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: ڪئنيڊا قومي جو اسلامو فوبيا جي خاتمي بابت نمائندو وفاقي وزيراعظم نظير تارڙ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان دهشتگردن ۽ انهن جي سرپرستن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائيندو: مرتضيٰ سولنگي

اسلام آباد (اي پي پي) صدارتي ترجمان مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته غير قانوني

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران سعودي عرب ۾ هيلي ڪاپٽر حادثي ۾ 14 سعودي شهرين جي فوت ٿيڻ تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پارليامينٽ جمهوري حڪومت جو عوام سان تعلق مضبوط بڻائي ٿي، آئين جمهوري قدرن جي ضمانت ڏئي ٿو: وزيراعظم

آئين جي اصل روح موجب اقتدار جو سرچشمو عوام آهي ۽ چونڊيل نمائندا اهو اختيار عوام جي خدمت ۽ ڀلائي جي لاءِ هڪ مقدس امانت جي طور تي استعمال ڪن ٿا

پارليامينٽ اهو آئيني فورم آهي جتي قومي مسئلن تي عوام جي ترجماني ڪندي قانون جوڙيا وڃن ٿا، قومي وسيلن جي استعمال جي نگراني ۽ انهن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي ٿو

سينيٽ وفاقي اڪائين کي برابر نمائندگي ڏئي پاڪستان جي وفاقي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿو، شفافيت، عوامي پهچ ۽ جديد پارليامانی طرز عمل جمهوريت جي گهرج آهن

پارليامينٽ جمهوري حڪومت جو عوام سان مضبوط تعلق بڻائي ٿي ته جيئن رياستي نظم ۽ ضبط عوام جي امنگن، خواهشن ۽ ڳڻتين موجب اڳتي وڌي سگهون

پاڪستان جي پارليامينٽ عالمي پارليامانی سفارتڪاري ۾ پڻ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي، قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ عورتن ۽ غيرمسلمان شهرين لاءِ مخصوص سيٽون آئيني عزم جو مظهر آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پارليامينٽ جي عالمي ڏينهن جي جمهوري رياستن کي ڳڻيل طور تي جمهوريت جي نمائنده ادارن آئين جي بالادستي پارليامينٽ جي سرڪاري حيثيت، جمهوريت، شفافيت، جوابدهي، قانون جي حڪمراني ۽ طرز حڪمراني ۾ عوامي شرڪت جي اصولن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جي ورجاءُ جو موقعو فراهم

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

190 ملين پائونڊ ڪيس: عمران خان ۽ بشريٰ بي بي فيصلو چيلينج ڪري ڇڏيو

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ بشريٰ بي بي 190 ملين پائونڊ ڪيس جو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو

سزا معطلي جي درخواست داخل، سزا معطليءَ جي درخواست رد ڪرڻ انصاف جي گهرجن جي خلاف هو: درخواست ۾ موقف

اڪيلائي واري قيد سبب ٻنهي کي غير معمولي ذهني اذيت کي منهن ڏيڻو پيو، سزا معطليءَ جي درخواست کي جائي واڌي ٻڌڻي ڏکيو ويو

سزا معطلي جي اپيل سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي جوڳي آهي، هاءِ ڪورٽ جو حڪم ڪالعدم قرار ڏئي سزا معطل ڪئي وڃي: درخواستگذار

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني عمران خان ۽ بشريٰ بي بي 190 ملين پائونڊ ڪيس جو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو بي بي کي آءِ باني عمران خان ۽ بشريٰ بي بي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فيصلو چيلينج ڪندي سزا معطليءَ لاءِ سپريم ڪورٽ ساز

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ طاس معاهدو پاڪستان لاءِ انتهائي اهم اسٽريٽجڪ معاملو آهي: عطاءُ الله تارڙ

پاڻي تحفظ پاڪستان جو قانوني ۽ جائز حق آهي، ڀارت کي هر فورم تي شرمندگي کي منهن ڏيڻو پيو آهي

ڀارت کي هر فورم تي شرمندگي کي منهن ڏيڻو پيو آهي، سنڌ طاس معاهدو مڪمل طور تي لاڳو آهي

پاڪستان جي پاڻي ۽ دريائن تي حاصل حقن، ان جي قانوني حيثيت ۽ معاهدي جي مختلف رخن بابت آگاهي فراهم ڪئي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته سنڌ طاس معاهدو پاڪستان جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ سي اين جي اسٽيشنن کي فوري طور گئس جي فراهمي بحال ڪئي وڃي: اڳواڻ

صوبي جون سي اين جي اسٽيشنن کي ڇهن مهينن کان گئس جي فراهمي مڪمل طور معطل آهي

بندش سبب هزارين ملازم، مڪينڪ، ڊرائيور ۽ ٻيا لاڳاپيل ماڻهو بيروزگار ٿي ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان سي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سومر ملڪ ۾ سپاڻي بينڪ هاليڊي سبب بئنڪنگ ڪاروهنوار بند رهندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسٽيٽ بئنڪ موجب پهرين جولاءِ اربع جي ڏينهن بئنڪ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پنهنجي آبي حقن تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندو: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

اسان جي ملڪ جي 40 کان 50 سيڪڙو آبادي جي معيشت جو ذريعو زراعت آهي

دنيا کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو پوندو ته عالمي سطح تي انصاف ڪيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته گذريل هڪ مهيني دوران سنڌ طاس معاهدي کي عالمي سطح تي اٿاريو ويو پاڪستان جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

حڪومت کي 10 ارب روپيا ادا، عارف حبيب جي سربراهي ۾ ڪنسورشيم پي آءِ اي جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو

نجڪاري جو پهريون مالي مرحلو مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ايئر لائن جو انتظامي ڪنٽرول سيڙپڪار ڪنسورشيم جي حوالي ڪيو ويو

ايئر لائن جو انتظامي ڪنٽرول عارف حبيب ڪارپوريشن لميٽيڊ جي سربراهيءَ ۾ سيڙپڪار ڪنسورشيم کي منتقل ڪيو ويو

معاهدي تحت ٻيو مالي مرحلو ايندڙ 12 مهينن دوران مڪمل ڪيو ويندو جنهن ۾ وڌيڪ 45 ارب روپين جي سيڙپڪاري شامل

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز ڪارپوريشن لميٽيڊ (پي آءِ اي سي ايل) جي نجڪاري جو پهريون مالي مرحلو مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ايئر لائن جو انتظامي ڪنٽرول سيڙپڪار ڪنسورشيم جي حوالي ڪيو ويو آهي نجڪاري واري وزارت طرفان جاري ڪيل

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي سينيٽ جو 17 هون اجلاس محمد اسماعيل راهو جي صدارت ۾ ٿي گذريو

اجلاس ۾ اداري جي ترقي، تعليمي، مالي، انتظامي ۽ قانوني معاملن بابت اهم ايجنڊائن تي غور ويچار ڪيو ويو

بجيٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۽ ان جي سمورن جزوي ڪيمپسز جي منظور ڪئي وئي

مؤثر قيادت هيٺ يونيورسٽي قومي ۽ بين الاقوامي معيارن مطابق ترقي طرف ڪاميابي سان اڳتي وڌي رهي آهي: ميمبر

سکر (بيورو رپورٽ) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي سينيٽ جو 17 هون اجلاس سومر 29 جون 2026ع تي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز ڊپارٽمينٽ، ڪراچي ۾ منعقد ٿيو. اجلاس جي صدارت سنڌ جي وڏي وزير جي غيرموجودگي ۾ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز ڊپارٽمينٽ جي صوبائي وزير ۽ پرو چانسلر

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2



سکر: آءِ بي اي يونيورسٽي جي سينيٽ جي اجلاس ۾ صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ ٻيا شريڪ آهن

پاڪستان حڪومت ۽ اٽلي وچ ۾ 20 ملين يورو جي رعائتي قرض جي معاهدي تي صحيحون

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان حڪومت ۽ اٽلي وچ ۾ 20 ملين يورو (اٽڪل 6.3 ارب پاڪستاني روپيا) جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سون جي قيمت ۾ 2300 روپين جي گهٽتائي، في تولو 4 لک 28 هزار 9 سئو 36 روپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت 2300 روپيا گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 28 هزار 9 سئو 36 روپين جو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ متاثر روڊن جي تعمير وارن فنڊن ۾ مبينا گهوٽالن جي جاچ جو حڪم

گهوٽالن جي جاچ لاءِ اعليٰ سطحي، غيرجانبدار جاچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي: نوٽيفڪيشن پڻ جاري

جوڙيل ڪميٽي فنڊن جي ورڇ، ترقياتي منصوبن جي منظوري، تعميراتي معيار ٻين مرحلن جي جاچ ڪندي

ڪنهن به فرد يا اداري جي غفلت، مالي بي ضابطگي يا خرد برد ثابت ٿي ته سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ٻوڏ کان متاثر روڊن جي تعمير لاءِ مختص ڪيل فنڊن جي استعمال ۾ مبينا مالي بي ضابطگين، غفلت ۽ قاعدن جي ڀڃڪڙي بابت شڪايتن جي باقاعده جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي اهو اهم فيصلو ڪابينا جي خزاني بابت ڪميٽي جي سفارش تي ڪيو ويو جنهن تحت هڪ اعليٰ سطحي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير جي موجودگي ۾ پي آءِ اي جي مالڪي باضابطه طور عارف حبيب ڪنسورشيم حوالي ڪئي پئي وڃي

صوبن جي حصي ۾ گهٽتائي آئين ۽ صوبائي خودمختياري جي ڀڃڪڙي آهي: سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم

ڪنهن به ”گرانٽ“ جو نالو ڏئي ايندڙ ٽن سالن لاءِ لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

صوبن جي مالي حقن کي متاثر ڪندڙ سمورا فيصلا فوري طور واپس ورتا وڃن: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم (SULF) جو هڪ اهم اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ وفاقي حڪومت

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

آءِ بي اي جي شاگردن ۾ صحافت جي شعبن بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي

سمر انٽرنشپ پروگرام 2026 جو ٻيو هفتو پڻ سکر پريس ڪلب ۾ ڪاميابي سان جاري

صحافي سحرش ڪوکر ۽ ٻين شاگردن کي جديد ميڊيا جي گهرجن ۽ عملي تجربن بابت آگاهه ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) آءِ بي اي يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ ڇهن هفتن جي ٽئين سمر سکر جي ميڊيا سائنسز ڊپارٽمينٽ جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پوليس عملدارن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

ڪراچي جي ترقي، خوشحالي ۽ عوام کي سهولتن ڏيڻ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: شرجيل ميمڻ

بجيٽ ۾ رڪيل فنڊز پاڻي فراهمي، نڪاسي، روڊن جي تعمير ۽ بحالي ۽ ٻين سهولتن تي خرچ ڪيا ويندا

پاڪستان پيپلز پارٽي نالهن نعرن تي نه پر عوامي خدمت جي سياست تي يقين رکي ٿي

صنعتي زونن ترقياتي رٿائن، ٽرانسپورٽ اسڪيمن ۽ بنيادي ڍانچي جي وڏن منصوبن ذريعي روزگار جا نوان دروازا کلندا

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي جي ترقي، خوشحالي ۽ عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

افغان جو ناظم الامور پاڪستان جي پرڏيهي وزارت طلب، ڪراچي ۾ ٿيل دهشتگرد حملي تي سخت احتجاجي مظاهرو

احتجاجي خط پاڪستاني سفير عبيدالرحمان نظاماڻي پاران افغان پرڏيهي وزارت کي پڻ پهچايو ويو

اهي ڊيمارش ان حقيقت جي بنياد تي جاري ڪيا ويا آهن ته حملي ۾ افغان شهري ملوث هئا، جن مان هڪ کي زنده گرفتار پڻ ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان افغان جي ناظم الامور کي پرڏيهي وزارت طلب ڪري ڪراچي ۾ ٿيل دهشتگرد حملي تي سخت احتجاجي خط سنڌس حوالي ڪيو آهي، جڏهن ته اهڙو ئي احتجاجي خط پاڪستاني سفير عبيدالرحمان نظاماڻي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان افغانستان سرحد ويجهو 29 دهشتگردن جو خاتمو اهم ڪاميابي آهي: بلاول ڀٽو

سيڪيورٽي فورسز جي بيشماراڻين صلاحيتن، بهادري تي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

هٿياربند فوجون ۽ سيڪيورٽي ادارا ملڪ جي دفاع ۽ عوام جي تحفظ لاءِ هر وقت تيار آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي 10 ضلعن ۾ اسڪولن جي تعمير ۽ بحالي منصوبي جي مدي ۾ واڌ جو فيصلو

صوبائي حڪومت منصوبي کي مڪمل ٿيڻ سان بدران جون 2028ع تائين مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

منصوبو ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي مالي سهڪار سان 2019ع ۾ منظور ڪيو ويو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت تعمير ۽ بحالي لاءِ ايشيائي ترقياتي بئنڪ صوبي جي 10 ضلعن ۾ اسڪولن جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2



سرگودا: 3 ڇاڙين اسڪوٽي تي پنهنجي منزل طرف وڃي رهيون آهن

ڪراچي ملڪي معيشت جو اهم مرڪز ۽ ڪاروباري سرگرمين جو محور آهي: مرتضيٰ وهاب

پ پ جا چونڊيل بلدياتي نمائندا مسئلن جي حل ۽ شهر جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهيا آهن

ڪراچي ترقي ڪندو ته پاڪستان مضبوط ٿيندو، صنعت ۽ واپار کي هٿي ملڻ سان روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي پاڪستان جي معيشت جو اهم مرڪز ۽

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ امڪاني برساتن سبب نالن جي صفائي واري جامع مهم شروع

ڪي ايم سي پاران سمورن وڏن نيڪاسي وارن نالن جي صفائي شروع ڪئي وئي

ميئر مرتضيٰ وهاب صفائي مهم جي اڳواڻي جو جائزو وٺڻ لاءِ مختلف هنڌن جو دورو ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايندڙ مون سون جي موسم کي نظر ۾ رکندي شهر جي تيارين کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ڪراچي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي يونيورسٽي جي ڪروڙين رپيا ماليت واري زمين من پسند ماڻهن کي الاٽ ڪرڻ جو انڪشاف

لينڊ اسڪيپ اينڊ گارڊننگ ڪائونسل جي سيڪريٽري يونيورسٽي جي قيمتي زمين نرسرين جي آڙ ۾ الاٽ ڪئي

الاٽ ڪيل زمين جي ماهوار فيس مارڪيٽ ريٽ ۾ تمام گهٽ، رکيو 4 کان 7 هزار روپين تائين مقرر ڪئي وئي

اسٽيٽ آفيس ۽ ملازمن سخت ڳڻتي ظاهر، معاملي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونيورسٽي جي ڪروڙين رپين ماليت واري قيمتي زمين کي نرسرين جي آڙ ۾ من پسند ماڻهن کي الاٽ ڪرڻ جو مبينا معاملو سامهون اچي ويو آهي، جنهن تي يونيورسٽي جي اسٽيٽ آفيس ۽ ملازمن سخت ڳڻتي ۽ تحفظات جو اظهار ڪيو آهي. ملازمن سنڌ جي گورنر ۽ وڏي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي ڳالهائي ٿي رهي آهي

عالمي سطح تي تيلن ۾ گهٽتائي باوجود پيٽروليم ليوي ۾ واڌ ظلم آهي: ڪاشف سعيد

تيل مارڪيٽنگ ڪمپنين کي جواز بڻائي عوام کي رليف کان محروم نه ڪيو وڃي

جيڪڏهن معيشت کي هلائڻو آهي ته پيٽرول ۽ ڊيزل سستو ڪرڻو پوندو: وفد سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته عالمي سطح تي تيل جي قيمتن ۾ نمايان

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اڊيالا جيل منتقلي دوران 14 قيدي پوليس اهلڪارن جي اکين ۾ مرچ وجهي ڀڄي ويا

قيدي وين کي چيڪنگ لاءِ روڪيو ويو، ان دوران هڪ قيدي پوليس اهلڪارن جي اکين ۾ مرچ اڇلائي ڇڏيا

ڪهوٽا پوليس علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو، فرار ٿيندڙن مان 4 قيدين کي ٻيهر گرفتار ڪيو ويو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪهوٽا ۾ جيل منتقلي دوران قيدي وين مان 14 قيدي فرار ٿي ويا. عدالت پيشيءَ بعد قيدين کي اڊيالا جيل منتقل ڪيو پئي ويو ته قيدي وين کي چيڪنگ لاءِ روڪيو ويو، ان دوران هڪ قيدي پوليس اهلڪارن جي اکين ۾ مرچ اڇلائي ڇڏيا. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪهوٽا پوليس علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ فرار ٿيندڙن مان 4 قيدين کي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس ذريعن جو چوڻ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران تعليم کاتي ۾ فوتگي ڪوٽا تحت ڀرتين جي طريقيڪار ۾ اهم تبديليون

درخواستن جي شفاف جاچ لاءِ اعليٰ سطحي اسڪروٽني ڪميٽي قائم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڪميٽي پاران تيار ڪيل سفارشون سيڪريٽري تعليم جي حتمي منظوري سان مشروط هونديون

فوت ڪوٽا تحت اميدوارن جون مقرريون قانوني ۽ ضابطه وار گهرجون پوريون ٿيڻ کان پوءِ ڪيون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت تعليم کاتي ۾ فوتگي ڪوٽا تحت ڀرتين جي طريقيڪار ۾ اهم تبديليون آڻيندي نئين جامع پاليسي ۽ گائيڊ لائينز جاري ڪري ڇڏيون آهن جن تحت درخواستن جي شفاف جاچ لاءِ اعليٰ سطحي اسڪروٽني

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

تعليم کاتي، يونيسيف ۽ ٿر ايجوڪيشن الائنس پاران ٻارن جي مسئلن بابت سفارشون پيش

سنڌ چلڊرن اينڊ ايڊوليسنٽ پارليامينٽ جي چونڊيل ميمبرن وڏي وزير ۽ صوبائي ڪابينا سان ملاقات ڪئي

اسپيڪر اويس قادر شاهه پاران 14 آگسٽ تي ٻارن لاءِ سنڌ اسيمبلي جو خاص اجلاس ڪرائڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي، يونيسيف ۽ ٿر ايجوڪيشن الائنس جي ڳڏيل سهڪار سان قائم ڪيل

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2



حيدرآباد: ڪراچي ۾ رينجرز هيڊ ڪوارٽر تي حملي ۾ جياني وڃائيندڙ حيدرآباد جي مسيحي جوان جي آخري رسمن ۾ فوجي ۽ رينجرز عملدار ۽ اهلڪار شريڪ آهن

ڪراچي ۾ تيز رفتار گاڏين ۽ ڊمپر حادثن ۾ معصوم ٻارڙي سميت پنج ڄڻا جانيون وڃائي ويٺا

منگهوپير روڊ تي تيز رفتار ڊمپر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب رميز عرف راجا ۽ اسلام فوت ٿي ويا

ٽيپو سلطان جي علائقي ۾ گهٽي ۾ راند ڪندڙ 6 سالن جي اسماءَ تيز رفتار گاڏي جو ٽڪر لڳڻ سبب فوت

شهيد ملت روڊ تي تيز رفتار گاڏي جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب 23 سالن جو عاطف فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ تيز رفتار گاڏين ۽ ڊمپر جي ٽڪرن سبب ٽريفڪ حادثن جو سلسلو بند نه ٿيو آهي ۽ مختلف علائقن ۾ ٿيل حادثن ۾ هڪ معصوم ڇوڪري سميت پنج وڌيڪ ماڻهو پنهنجون

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2



لاڙڪاڻو: هڪ ٻينگري روڊ ڪناري قلفي کائي رهي آهي



ڪراچي: ٿر ايجوڪيشن الائنس پاران سنڌ اسيمبلي جي دوري تي آيل ٻارڙن سان وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر ڳالهائي رهيا آهن

پي ٽي آءِ باني، شاهه محمود قريشي ۽ بئريسٽر گوهر خلاف 7 ڪيسن تي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) جوڊيشل مئجسٽريٽ شهزاد خان جي غير موجودگي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي حملي ۾ شهيد رينجر اهلڪار جو مڙهه حيدرآباد آندو ويو

شهيد ذيشان مسيح جو مڙهه گهر پهچڻ تي ماحول سوڳوار ٿي ويو

آخري رسمن پاڪ فوج، رينجرز آفيسرن ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽ) ڪراچي ۾ رينجرز آفيس تي دهشتگردي جي حملي ۾ شهيد رينجرز اهلڪار ذيشان مسيح جو مڙهه حيدرآباد آندو ويو مڙهه پهچڻ تي ماحول سوڳوار ٿي ويو رينجرز اهلڪار جون

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جوابدار پنهنجي ويڳي ماءُ کي ڪهاڙين هٿي قتل ڪري ڇڏيو، بچائڻ آيل پاڙيسري زخمي

اورنگي ٽائون ۾ جوابدار شوڪت علي ويڳي ماءُ 50 سالن جي فهميده زال لطيف کي بيدردي سان قتل ڪيو

عورت کي بچائڻ لاءِ آيل پاڙيسري ساجد ڪهاڙيون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو، جوابدار سخت مزاحمت بعد سوگهو

جوابدار جي پيءُ 18 سال اڳ مقتولا سان ٻئي شادي ڪئي هئي، واقعو ذاتي رنجش سبب پيش آيو آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون نمبر هڪ سيڪٽر 6 اي عبدالله سوئيٽس شاپ واري گهٽي ۾ واقع گهر ۾ پٽ پنهنجي ويڳي ماءُ کي ڪهاڙين سان وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملڻ کان پوءِ پوليس موقعي تي پهچي وئي سخت مزاحمت کان پوءِ پوليس جوابدار پٽ کي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار پيءُ ۽ پٽ فوت

بلديا ٽائون ۾ حادثي سبب 60 سالن جي عبدالمجيد ۽ سندس پٽ عبدالجبار فوت ٿي ويا

فوت ٿيندڙ نوجوان جي ايندڙ مهيني شادي ٿيڻي هئي، واقعي بعد گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلديا ٽائون سيارڪو روڊ قبرستان ويجهو اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار پيءُ ۽ پٽ موقعي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن امتحانن ۾ شاگردن سان ناانصافين خلاف پيادل مارچ

اميدوارن، وڪيلن، سياسي اڳواڻن ۽ شاگردن ميرٽ جي لتاڙ خلاف سروس ڪميشن آفيس آڏو ڌرڻو

لکين اميدوارن لاءِ هي واحد سهارو آهي، جتان نوڪريون وڪرو ٿي رهيون آهن: مظاهرين

ڪرپشن جي جاچ ڪرائي ملوث عملي کي هٽائي اهل چيئرمين ۽ عملو مقرر ڪيو وڃي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحانن ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن وڪيلن سياسي اڳواڻن ۽ شاگردن ميرٽ جي لتاڙ خلاف ۽ من پسند شاگردن پاس ڪرڻ خلاف ڪالهه علامه دائود پوٽا لائبريري کان پيادل مارچ ڪري حيدرآباد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان سان بين الاقوامي وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ جوابدارن جو تيزدار آلي سان حملو هڪ شخص مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي اعظم ٽائون جي گهٽي نمبر 5 ۾ تيزدار آلي سان حملي ۾ هڪ شخص مارجي ويو ڇپيا اختيارين موجب زخمي شخص کي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحي ڪيس جو چالان ۽ جاچ رپورٽ عدالت ۾ جمع، سمورا جوابدارن فرار قرار

ڪيس ۾ ڪميٽي صدر تنوير پاستا، عمار اسماعيل، محمد رمضان ۽ محمد امين کي جوابدار نامزد ڪيو ويو

باهه لڳڻ واري دڪان جو مالڪ نعمت الله ۽ سندس 11 ورهين جو پٽ حذيفه پڻ جوابدارن ۾ شامل

پوليس پاران عدالت ۾ جمع ڪرايل رپورٽ ۾ سمورن نامزد جوابدارن کي فرار ڄاڻايو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا سانحي بابت ڪيس ۾ پوليس عدالت ۾ چالان ۽ جاچ رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي جنهن ۾ سمورن نامزد جوابدارن کي فرار قرار ڏنو ويو آهي جاچ رپورٽ موجب گل پلازا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2



حيدرآباد: سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس آڏو امتحانن ۾ مبينا بيضابطگين خلاف احتجاجي ڌرڻو هنيو پيو وڃي

بقايا | 1 | روزاني عبرت

وزير حنيف عباسي چيو آهي ته پاڪستان ريلوي ۾ سڌارن جو عمل جاري آهي ۽ اداري جي ڊجيٽلائيزيشن مڪمل ڪئي پئي وڃي. ريلوي جي تاريخ ۾ 115 ارب روپين جي روينيو جو هدف حاصل ڪيو ويو آهي جڏهن ته 6 جولاءِ تائين موجوده ريونيو ٽارگيٽ به مڪمل ڪيو ويندو. ايم ايل ون منصوبي ۾ روهڙي کان ڪراچي سيڪشن جي پيڙهه جو پٿر سيپٽمبر ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف رکندو. راولپنڊي ريلوي لوڪوشيڊ ۾ نئين تعمير ٿيل گارڊ ۽ ڊرائيورنگ رومز جي افتتاح کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ريلوي جي اسڪولن ۽ اسپتالن کي آئوٽ سورس ڪيو پيو وڃي جڏهن ته مختلف شعبن ۾ رائيٽ سائيزنگ به ڪئي وئي آهي. هن چيو ته آڊيٽر جنرل جي رپورٽ گمراهه ڪندڙ آهي ۽ ان ذريعي قوم کي غلط تاثر ڏنو پيو وڃي. هن موجب ريلوي ۾ 19 سيڪڙو خساري جي رپورٽ حقيقتن جي ابتڙ آهي جڏهن ته 63 ارب روپين جي پينشن ريلوي نه پر پاڪستان حڪومت گرانٽ طور ادا ڪندي آهي. هن چيو ته مارچ 2025ع ۾ وزارت سنڀالڻ کان پوءِ صرف چئن مهينن ۾ آپريٽنگ لاڳت ۾ 3 ارب 60 ڪروڙ روپين جي گهٽتائي آندي وئي، جيڪا عملي طور تي منافعي جي برابر آهي. هن ٻڌايو ته پنج ريل گاڏيون آئوٽ سورس ڪيون ويون آهن. فريٽ سيڪٽر ۾ 32 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي ۽ ڊويزن جي لينڊ ارننگ ۾ به 50 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. وفاقي وزير چيو ته 20 سالن کان پاور وينز جي اوور هالنگ ناهي ٿي جڏهن ته 16 نئون پاور پلانٽن جي خريداري لاءِ بولي جلد لڳائي ويندي ۽ ايندڙ سال 23 مارچ تائين سمورا پاور وينز ۽ اوور هال ڪيا ويندا. هن ٻڌايو ته عوامي ايڪسپريس جي چئن ريڪس جي ري فرشمينٽ مڪمل ٿي چڪي آهي جڏهن ته جون 2027ع تائين سموريون ٽرينون جديد انداز ۾ بحال ڪيون وينديون. ايم ايل ون منصوبي جي حوالي سان هن چيو ته روهڙي کان ڪراچي سيڪشن جي پيڙهه جو پٿر وزيراعظم سيپٽمبر ۾ رکندو. ان موقعي تي وفاقي وزير راولپنڊي ۾ نئين تعمير ٿيل گارڊ ۽ ڊرائيور رننگ رومز جو افتتاح به ڪيو. ريلوي اسٽيشن ۽ لوڪوشيڊ ويجهو قائم ان جديد رننگ رومز ۾ ايئر ڪنڊيشنڊ آرامده رهائش ۽ بجلي جي بنا رڪاوٽ فراهمي لاءِ سولر سسٽم لڳايو ويو آهي. هن چيو ته 36 سال ۾ پهريون ڀيرو گارڊز ۽ لوڪو پائليٽس کي اهڙي معياري رهائشي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي ۽ مستقبل ۾ ملڪ جي ٻين وڏن شهرن ۾ به اهڙي طرح جا جديد رننگ رومز تعمير ڪيا ويندا.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

ڪرڻ جو ذريعو قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جو آئين جمهوري نظام حڪومت ۽ جمهوري قدرن جي ضمانت ڏي ٿو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم اهڙن خيالن جو اظهار پارليامينٽ جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو جيڪو اڄ (اڱاري ڏينهن) ملهايو پيو وڃي. وزيراعظم چيو ته آئين جي اصل روح موجب اقتدار جو

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LD-PT-PNP-UCH-325591943-2026	SUPPLY OF MECHANICAL SEALS	16.07.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **28.04.2026, 15.05.2026, 09.06.2026** and **18.06.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-319308903-2026	SEISMIC DATA ACQUISITION OF KOHLU-2D PROJECT	03.07.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-SER-PQ-DS-322094359-2026	PRE-QUALIFICATION OF CONTRACTORS FOR TRANSPORTATION OF BARITE POWDER	13.07.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com

No. 311/71

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

30/06/2026

Karachi Diplomatic & Social Roundup Page

THE DAILY IBRAT روزاني عبرت 63



Prominent businessman Fazal Karim Dadabhoy hosted a dinner at his residence in honour of Chinese Consul General Yang Yundong. During the event, a cake was cut by the host to commemorate the completion of 75 years of Pakistan-China diplomatic relations. The gathering was attended by Qazi Asad Abid, Chairman and Chief Editor of the Ibrat Group of Publications, Jam Farooq, Athar Iqbal, and other distinguished guests.







Mrs. Kaleem Farooqui presenting a souvenir to Rwanda's High Commissioner Ms.Fatou Harerimana during the annual dinner of the English Speaking Union. Also present on the occasion were Kaleem Farooqui, newly elected President of the English Speaking Union Irfan Qureshi, Mr. & Mrs. Majeed Aziz, former President of the English Speaking Union Pervez Haroon Madraswala, and other distinguished guests.

The Consulate General of Iran in Karachi organized a commemorative ceremony to mark the 37th death anniversary of Imam Khomeini, founder of the Islamic Republic of Iran. The event was attended by religious scholars, academics, political and social figures, lawyers, and members of the business community.

Speaking on the occasion, Iranian Consul General Akbar Eissa Zadeh said that Imam Khomeini's message of resistance, independence, and unity of the Muslim Ummah continues to inspire people around the world. He stated that despite external pressures and sanctions, Iran has remained committed to its sovereignty and national dignity by following the principles laid down by Imam Khomeini.

He also highlighted the leadership of Ayatollah Ali Khamenei, saying Iran has continued its progress despite regional and international challenges.

The speakers paid tribute to Imam Khomeini's political and religious legacy and emphasized the need for unity, justice, and solidarity among Muslim nations.







A group photograph featuring President of the Pak-Japan Business Forum Murtaza Mandviwala, Kaleem Farooqui, and other distinguished participants at the Post-Budget Seminar organized by PJBF at Avari Hotel. The event brought together prominent business leaders and professionals for discussions on economic developments, budgetary matters, and future business opportunities.







راڌڻپور پرسان ملڪو واهڻ ۾ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان ٺهيل ليبر ڪالوني تباهي جو شڪار

ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تعمير ڪيل سو ڪان وڌيڪ گهرن تي مشتمل ليبر ڪالوني تباهي ڪناري پهچي وئي

غريب مزدورن ۽ هارين جي ڀلائي لاءِ شروع ڪيل هي منصوبو لاڳاپيل ادارن جي نااهلي سبب ناڪامي ڏانهن وڌي رهيو آهي: فقير ڏٿي

ڪالوني جي فوري مرمت ڪرائي ان کي غريب مزدورن ۽ هارين جي رهائش لاءِ فعال بڻايو وڃي، جيئن منصوبو مڪمل تباهه ٿيڻ کان بچي سگهي

سيوهڻ (رپورٽ: فقير محمد عباسي) تعلقي سيوهڻ جي شهر راڌڻپور جي ڳوٺ ملڪو واهڻ ۾ غريب مزدورن، هارين ۽ پورهيتن جي رهائش لاءِ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تعمير ڪيل سو کان وڌيڪ گهرن تي مشتمل ليبر ڪالوني انتظامي لاپرواهي ۽ بي ڌياني سبب تباهي جي ڪناري تي پهچي وئي آهي. رهائش لاءِ الاٽ ٿيڻ کان اڳ ئي ڪالوني جي عمارتن جا دروازا، دريون، بجلي جو سامان ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ٿي ويو آهي، جڏهن ته ڪيترائي گهر زبون حالي جو منظر پيش ڪري رهيا آهن. سينئر صحافي فقير محمد عباسي صحافين جي وفد سان گڏ ليبر ڪالوني جو دورو ڪيو جتي هنن مختلف گهرن جو جائزو ورتو. وفد ڏٺو ته ڪيترين ئي عمارتن جا دروازا ۽ دريون غائب آهن، پيٽيون ۽ چٽيون به نقصان جو شڪار آهن. جڏهن ته ڪالوني جي اڪثر حصي ۾ ويرانگي ڇانيل آهي. ان موقعي تي فقير محمد عباسي چيو ته غريب مزدورن ۽ هارين جي ڀلائي لاءِ شروع ڪيل هي منصوبو لاڳاپيل ادارن جي نااهلي سبب ناڪامي ڏانهن وڌي رهيو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن وقت سر حفاظتي اپاءَ ورتا وڃن ها ته اڄ قومي خزاني سان تعمير ٿيل هي قيمتي اثاثو تباهي کان بچي سگهي ها. علائقي واسين ۽ سماجي حلقن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته ليبر ڪالوني ۾ ٿيل مالي نقصان ۽ چورين جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن حڪومت سنڌ، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختياريـن کان مطالبو ڪيو ته ڪالوني جي فوري مرمت ڪرائي ان کي غريب مزدورن ۽ هارين جي رهائش لاءِ فعال بڻايو وڃي، جيئن ڪروڙين رپين سان تعمير ٿيل هي منصوبو مڪمل طور برباد ٿيڻ کان بچايو وڃي.



سيوهڻ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان ٺهيل ليبر ڪالوني تباهيءَ جو جو ڏيک ڏيڻ لڳي

شهدادڪوٽ جي وفد جي پ ٽ الف جي نئين چونڊيل مرڪزي صدر سان ملاقات

سرائي دريا خان مستوئي استادن جي مسئلن ۽ ٻين دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهيون ڪيون

اڪثريتي استادن ڀرپور ووٽ ڏيئي اسان جي پينل کي ڪامياب ڪرايو: غلام رسول مهر

شهدادڪوٽ(ب ر) پ ٽ الف جي نئين چونڊيل مرڪزي صدر غلام رسول مهر سان پ ٽ الف جي ضلعي صدر حبيب الرحمان چنڙ، شهدادڪوٽ جي صدر سرائي دريا خان مستوئي جنرل سيڪريٽري عاشق پٺي ملاقات ڪئي ڪين چونڊجي اچڻ تي واڌايون پيش ڪيون استادن جي مسئلن ۽ ٻين دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهيون ڪيون ان موقعي تي استادن جي وفد سان پ ٽ الف جي نئين چونڊيل مرڪزي صدر غلام رسول مهر ڳالهائيندي چيو ته اڪثريتي استادن ڀرپور ووٽ ڏيئي سنڌن پينل کي ڪامياب ڪرائي سنڌن تي ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪيو جنهن تي سنڌن جو ٿورائتو آهيان جنهن مان ثابت ٿيو ته استادن ۾ ٻڌي اتفاق آهي ۽ اهي مون تي ڀرپور اعتماد ڪن ٿا آئون به استادن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرائي استادن جي اعتماد تي پورو لهندس هن چيو ته استادن جي معاشي مسئلن ۽ سنڌن معاشي ضرورتن تي سنڌ سرڪار سان ڪابه سوديبازي نه ٿيندي چارٽر آف ڊمانڊ تي جدوجهد هلائيندا سين استادن جي اهميت ۽ عزت پهرين ترجيح آهي ۽ رهندي استادن جا مسئلا ترت حل ٿيندا



شهدادڪوٽ پ ٽ الف اڳواڻن جي ملاقات وقت ورتل تصوير

سيهڻ يونيورسٽي ڄامشورو جو اٺون سنڊيڪيٽ اجلاس، اهم تدريسي، مالي ۽ ترقياتي منصوبن جي منظوري

اجلاس ۾ يونيورسٽي سان لاڳاپيل مختلف اهم تدريسي، انتظامي، مالي ۽ ترقياتي معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو

ڊائريڪٽر فنانس عمران نور يونيورسٽي جي مالي بجيٽ 2025-26ع ۽ 2026-27ع بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

سيهڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ منتقل ٿيل فيڪلٽي ميمبرن جي خدمتن جي تسلسل بابت معاملن کي منظور ڪيو ويو

ڄامشورو (ب ر) شهيد الله بخش سومرو (سيهڻ) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشوري جي سنڊيڪيٽ جو اٺون اجلاس وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ يونيورسٽي سان لاڳاپيل مختلف اهم تدريسي، انتظامي، مالي ۽ ترقياتي معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو ۽ انهن جي منظوري ڏني وئي سنڊيڪيٽ پاران 29 اپريل 2026ع تي ٿيل ستين اجلاس جي ڪارروائي جي فيصلن جي تصديق ڪئي وئي ۽ گذريل اجلاس جي فيصلن تي ڪيل عملدرآمد جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ستين سنڊيڪيٽ اجلاس ڪانپوءِ وائيس چانسلر پاران کنيل قدمن ۽ معاملن تي پڻ غور ڪري انهن جي منظوري ڏني وئي ان کان علاوه فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي جي نائين اجلاس جي ڪارروائي ۽ سفارشن کي غور هيٺ آڻي منظور ڪيو ويو. سنڊيڪيٽ پاران "ڪائونٽنگ آف سروس ڪميٽي" جي سفارشن جي منظوري ڏني وئي، جنهن تحت سيهڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ منتقل ٿيل فيڪلٽي ميمبرن جي خدمتن جي تسلسل بابت معاملن کي منظور ڪيو ويو اجلاس ۾ ترقياتي منصوبن جي حصول ۽ منظوري لاءِ هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) اسلام آباد ڏانهن پي سي چار جمع ڪرائڻ جي پڻ منظوري ڏني وئي. اجلاس دوران ڊائريڪٽر فنانس عمران نور يونيورسٽي جي مالي بجيٽ 2025-26ع ۽ 2026-27ع بابت تفصيلي بريفنگ ڏني جڏهن ته انجنيئر مڪيش ڪمار سنڊيڪيٽ ميمبرن کي مختلف منصوبن جي تڪميل بابت آگاهي ڏني ۽ يونيورسٽي جي مستقبل جي ترقياتي منصوبن بابت پڻ تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي اجلاس ۾ سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز حڪومت سنڌ، محمد عباس بلوچ، ڊائريڪٽر مانيٽرنگ اينڊ ايويليويشن (ايم اينڊ اي)، هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد، نويد حسين شاهه، سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي نامزد نمائندي نذيره پنهواڻي، سنڊيڪيٽ ميمبر خالد محمود سومرو آرڪيٽيڪٽ فريال سڪندر ۽ آرڪيٽيڪٽ ماروي مظهر ڊائريڪٽر فنانس عمران نور، ڊائريڪٽر ڪوالٽي انهانسمنٽ سيل ڊاڪٽر شبينا شيخ قائم مقام رجسٽرار محمد سليمان ڀٽو انجنيئر مڪيش ڪمار ۽ سنڊيڪيٽ ميمبرن محمد سليم جهتيال، فهد شمس نظاماڻي عظمى آريس راج ڪمار ۽ چندر ڪمار شرڪت ڪئي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو اجلاس جي ميمبرن جي سهڪار ۽ ڪردار کي ساراهيندي اداري جي بهتر انتظام تدريسي معيار مالي نظم و ضبط ۽ ترقياتي قدمن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏنو.



ڄامشورو وي سي سيهڻ يونيورسٽي جي صدارت ۾ سنڊيڪيٽ جي اٺين گڏجاڻي ٿي رهي آهي

حيدرآباد جي نارا جيل جي اسٽاف ڪالوني جي رهواسي ۽ ليڊيز جيل جي اهلڪار جو احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي نارا جيل جي اسٽاف ڪالوني جي رهواسي ۽ ليڊيز جيل جي اهلڪار سيد توفيق علي شاهه لڪياري ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ بااثرماڻهن پاران گهر تي حملي ۽ تشدد خلاف ڪالهه به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ا

حيدرآباد ۾ واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن: مظاهرين

پگهارن ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون اعجاز حسين،عبدالقيوم ڀٽي عبدالحميد معراج ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيوته 18مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيوته رجسٽرڊ يونين جي فيصلي موجب ڪارپوريشن انتظاميا ريفرنڊم نه ڪرايو جنهن جي مذمت ڪجي ٿي هنن چيوته رجسٽرڊ يونين ريفرنڊم ڪرائڻ لاءِ 30جون2026تي ميٽنگ رکي هئي هنن مطالبو ڪيو ته واسا حيدرآباد ۾ ريفرنڊم ڪرائي ملازمن جون رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد جاري ڪئي وڃي

ٽنڊوغلام علي ۾ امام واهه جنوبي (ريڻ) ۾ پاڻي نه هئڻ خلاف مظاهرو

امام واهه جنوبي جي سک موري اسٽاپ وٽ هڪ ڪلاڪ ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

باٿرن کان ڳرون رشوت وٺي اسان پوڇڙي جي آبادگارن کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ڦليلي ڪئنال مان نڪرندڙ امام واهه جنوبي (ريڻ) ۾ پاڻي نه هئڻ خلاف آبادگار جو پي ٽي آءِ اڳواڻ علي بخش نظاماڻي جي اڳواڻي ۾ 50 کان مٿي آبادگارن "راشي ايس ڊي او هٽايو پوڇڙ جا آبادگار بچايو" جهڙا نعرا هڻندا امام واهه جنوبي جي سک موري اسٽاپ وٽ هڪ ڪلاڪ ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن جي ڪري ڳوٺ گهليپور بشير آباد راڄوخاڻائي لنڪ روڊ بند ڪري ڇڏيو ڳولن ڏانهن ويندڙ گاڏيون ٻنهي طرفن بيهي رهيون ان موقعي تي آبادگار حاجي انور سرائي نظاماڻي حفيظ خاصخيلي بابر علي آرائين غلام علي نظاماڻي گاروڙي رئيس منير نظاماڻي ميهار خاصخيلي ڪامريڊ علي بخش نظاماڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته امام واهه جنوبي جو راشي ايس ڊي او ايريگيشن ۽ سندس عملو اسان جي حصي جو پاڻي مٿي جي باٿرن کان ڳرون رشوت وٺي اسان پوڇڙي جي آبادگارن کي هٿ وٺي ڪري رهيا آهن جنهنڪري اسان جو پوکيل فصل سڪي ويا ۽ پيئڻ جو پاڻي نه هئڻ ڪري پکي پکڻ سميت چوپايو مال به اڃ وگهي مري رهيو آهي هنن چيو ته ڳوٺ ۾ ڪا فوتگي ٿيندي ٿي ته ميت کي غسل ڏيڻ لاءِ پيسٽن تي پاڻي پري پري کان گڏهه گاڏين ذريعي پري ايندا آهيون آبادگارن چيو ته جڏهن اسان راشي ايس ڊي او جي آفيس اڳيان پهچي ظالمو پاڻي ڏيو پاڻي ڏيو جون دانهون ڪيون ته راشي عملي اهيو چٽي جواب ڏنو ته اسان وٽ ڪاٽي جا پئيسا ناهن توهان آبادگار پنهنجي مدد پاڻ تحت واهه جي ڪاٽي ڪرايو ته پوءِ اوهان کي پاڻي پهچائي ڏيندس مظاهرين چيو ته هڪ پاسي آبادين جا ريٽ ناهن معان وري ڪاٽي جو بهانو ڪري راشي عملي 3 مهينن کان امام واهه جنوبي ريڻ جو هڪڙادو پاڻي بند ڪري ڇڏيو ۽ پاڻي نه هئڻ ڪري سوين ايڪڙن جا زميندار ڪاليون وڪڻي پنهنجي ٻچن جو مشڪل سان پيٽ پالي رهيا آهن مظاهرين چونڊيل نمائندن ۽ ايريگيشن جي بالا آفيسرن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته امام واهه جنوبي ريڻ تي مقرر



ٽنڊوغلام علي امام واهه ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگار سراپا احتجاج بڻيل آهن

سنجرچانگ جي "عبرت" عيوضي نور محمد رند جو والد وفات ڪري ويو

بلوچ شاعر مامو رسول بخش رند ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد نجي اسپتال ۾ دم ڏنو

مرحوم مامو رسول بخش رند شاعر هو سندس شاعري مرحوم فوزيا سومرو به ڳائي هئي

سنجرچانگ(ن ع) سنجرچانگ پريس ڪلب جي سينئر صحافي "روزاني عبرت اخبار" جي رپورٽر نور محمد رند جو والد بلوچ شاعر مامو رسول بخش رند ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد حيدرآباد جي نجي اسپتال زندگي جي جنگ هارائي ويلو مرحوم مامو رسول بخش رند شاعر هو سندس شاعري مرحوم فوزيا سومرو به ڳائي، سندس مڙه اباڻي ڳوٺ سنجرچانگ پرسان علي محمد رند آندو ويو جتي سندس جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، سندس وڇوڙي تي سمورو علائقو سوڳ وارو ماحول ٿي ويو.



سنجرچانگ سينئر صحافي ۽ "روزاني عبرت" جي رپورٽر نور محمد رند جي والد ۽ بلوچ شاعر رسول بخش رند جي حيا تي جي تصوير

ناري تعلقي جا روڊ تباهه، چونڊيل نمائندن جا واعدا وفا نه ٿي سگهيا

ڪوٽ بنگلو، سڪندر آباد، چونڊڪو، ٽجل، فاڙهيارو ۽ پرياسي جا روڊ مڪمل طور تباهه

هتان جا چونڊيل نمائندا ناري تعلقي تي ڌيان نه ٿا ڏين ناري جا روڊ رستا تباهه ٿي چڪا آهن: رهواسي

خيرپور(ب ر) ناري تعلقي جا روڊ تباهه، عوام عذاب ۾، چونڊيل نمائندن جا واعدا وفا نه ٿي سگهيا تفصيل موجب ضلعي خيرپور جي تعلقي نارا جي روڊن جي انتهائي خراب حالت سبب هزارين رهواسي سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. نارو ڪوٽ بنگلو سڪندر آباد، چونڊڪو ٽجل، فاڙهيارو ۽ پرياسي وارن علائقن جا اهم روڊ مڪمل طور تباهه ٿي چڪا آهن. جنهن ڪري روزانو سفر ڪندڙ ماڻهو شديد مشڪلاتن ۾ مبتلا آهن.مقامي رهواسين وحيد چانڊيو،اسماعيل پنهور، استاد مير حسن پنهور علي احمد پنهور غلام محمد پنهور ۽ ٻين سڪندر آباد ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي ته تعلقي ناري سان وڏو ظلم آهي هتان جا چونڊيل نمائندا ناري تعلقي تي ڌيان نه ٿا ڏين ناري جا روڊ رستا تباهه ٿي چڪا آهن نارو تعلقو اربين روپين جي گيس ۽ تيل ملڪ کي ڏي پيو پر ان جي بدلي ۾ ناري کي تباهي ۽ بربادي کان سواءِ ڪجهه به نه مليو آهي. هي تعلقو نه مالا مال هجڻ ڪيي هتان جي گيس سڄي ملڪ ۾ استعمال ٿئي ٿي ۽ حڪومت پاڪستان کي ڪيئي ارب روپيا وصول ٿين پيا ۽ ناڙو سهڻو ون ۾ گيس ملي آهي ۽ اتان گيس جو وڏو ذخيرو موجود آهي پر افسوس نارو تعلقو جيڪو سڄي ملڪ کي ڪارائي ٿو ان کي پوئتي رکيو ويو آهي ناري جا روڊ رستا تباهه ٿي ويا آهن جيڪي فاصلا اڳ 20 کان 30 منٽن ۾ طئي ٿيندا هئا، اهي هاڻي ٻن ڪان ٽن ڪلاڪن ۾ به ڏکيائي سان طئي ٿين ٿا. روڊن تي وڏا کڏا، ٽٽل حصا ۽ مٽي سبب موٽرسائيڪلون ڪارون ۽ ايمبولينسون به آساني سان نٿيون هلي سگهن. بيمارن، شاگردن، واپارين ۽ سرڪاري ملازمن کي روزانو سخت اذيت برداشت ڪرڻي پوي ٿي.رهواسين جو چوڻ آهي ته چونڊڪي کان ٽجل واءِ سانگهڙ روڊ مڪمل تباهه ٿي ويو آهي جيڪو ڏيڍ ڪلاڪ ۾ چونڊڪي کان سانگهڙ پهچندو هو اهو هاڻي 6 ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا ۽ روڊ مڪمل طور تي تباهه ۽ برباد ٿيل آهي جڏهن ته انهي روڊ سان پڻ وڏيون گيس فيلڊ موجود آهن . هن علائقي جا ووٽر شاهد هڪڙي پارٽيءَ کي ووٽ ڏين ٿا انهي ڪري سنڌ حڪومت هن کي هٿ سان تباهه ڪري رهي آهي نارو تعلقو 3 لک آدمشماري وارو تعلقو آهي پر هن تعلقي جي ماڻهن سان وڏي ويڌن آهي.جڏهن ته هر چونڊ دوران نمائندا روڊن جي تعمير جا وڏا واعدا ڪن ٿا، پر چونڊون کٽڻ کان پوءِ علائقي کي وساري ڇڏين ٿا. ڪيترائي سال گذرڻ باوجود ناري تعلقي جي روڊن تي ڪو به وڏو ترقياتي ڪم نظر نٿو اچي.

ڪوٽ غلام محمد لڳ لونگيوال پرسان ڳوٺ دليري شاخ جي رهواسين جو احتجاج

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد لڳ لونگيوال پرسان ڳوٺ دليري شاخ ديهه 295 ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ٿيل مبينا چوري واري واقعي ۾ سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيل جوابدار کي پوليس پاران مبينه رشوت وٺي آزاد ڪرڻ جي خلاف مظاهر ڌر احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاج جي اڳواڻي شگن ڪولهي ارجن ڪولهي، هيرو ڪولهي، شريمتي ڏاٽي شريمتي ڌرمي، شريمتي والي ۽ ٻين ڪئي. مظاهرين پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي الزام هنيو ته تي ڏينهن اڳ سندن دڪان جا تالا ٽوڙي لکين رپين جي چوري ڪئي وئي، جنهن بعد هنن چندو گڏ ڪري 70 هزار رپيا خرچ ڪري آرمي ڊاگ سينٽر مان ڪوجي ڪتا گهرائي پيرا کڻايا، جنهن جي مدد سان مبينا طور لاڪيو ڪولهي کي سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيو ويو. جڏهن ته سندس مبينا ساٿي ڪرنيو ڪولهي، ڏانسنگهه ڪولهي ۽ نارائڻ ڪولهي پڻ چوري ۾ ملوث آهن

ٽاڊوبولاخان ۾ شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ عظيم الشان محفل

ٽاڊوبولاخان (ن ع) طاهري فارم هائوس ڳوٺ مهندا پالاري لڳ ٽاڊو بولاخان ۾ زير صدارت حضرت علامه مولانا خليفه معشوق علي ميمڻ طاهري نقشبندي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري اشفاق علي پالاري طاهري جي زيراهتمام شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ عظيم الشان محفل منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ تلاوت ڪلام پاڪ جي سعادت حافظ غلام حيدر خشڪ ڪرمي حاصل ڪئي خصوصي نعت خوان بلبل ڪوهستان حافظ علاوالدين باريجو طاهري پنهنجي خوبصورت مڌري آواز ۾ نعتون ۽ منقبتون پيش ڪيون صدارتي خطاب جماعت اصلاح المسلمين ضلع ڄامشورو جي صدر محمد اسلم طاهري شهٽو ڪيو.



ملاڪاتيار حاجي محمد حسين سومرو ۽ شاهنواز سومرو پريس ڪانفرنس ڪندي

پي پي ايڇ آئي اسپتال مول ڪوهستان ضلعي ڄامشوري مان جبري برطرف ڪيل عورت جو احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ٽنڊوڄام جي رهواسڻ ۽ پي پي ايڇ آئي اسپتال مول ڪوهستان ضلعي ڄامشوري مان جبري برطرف ڪيل عورت ڊاڪٽر شمشاد ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون نوڪري تي بحاليءَ لاءِ احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن چيوته 4سال لاڙڪاڻي پي پي ايڇ ۾ ڊاڪٽر جي پوسٽ نوڪرين بعد شادي ڪانپوءِ ڄامشوري جي ڪوهستاني علائقي مول پي پي ايڇ آئي اسپتال ۾ هڪ سال ٽائين نوڪري ڪئي ۾ اسپتال جي ڊسپينسر بدين واسي عبدالله آرائين سان مريضن کي دوائون ڏيڻ جي معاملي تان اختلاف هوندو هو مريضن کي دوائون لکي ڏيڻ تي ڊسپينسر ڪاوڙيل رهندو ڊسپينسر موجب اسپتال جي دوائن بدران مريضن کي باهر جون دوائون لکي ڏيا جنهن تي ڊسپينسر اسپتال جي وزٽ تي آيل ڊسٽرڪٽ مئنيجر شفيق آگرو آڏو مريض لاءِ لکيل علاج واري پرچي رکي چيو ته ڊاڪٽرياڻي مريضن کي غلط دوا تجويز ڪئي آهي جنهن تي ڊسٽرڪٽ مئنيجر شفيق آگرو منهنجي دليلن کي ٻڌڻ بنا منهنجو ڪانٽريڪٽ ختم ڪري جبري طور نوڪري مان ڪيڍي ڇڏيو هن چيوته ناجائز نوڪري مان فارغ ڪرڻ سبب سخت ذهني ۽ مالي مشڪلات جي شڪار ٿي وئي آهيان

منهنجي پٽ مرحوم احمد سولنگي کان زمين خريد ڪئي: حاجي حسين سومرو

زمين جي ماپ ڪرائي وئي ته ڪجهه زمين فيض مغل ۽ بابو نعيم مغل وارن جي طرف نڪتي

نبي بخش عرف نبو سولنگي، مختلف طريقن سان ڌمڪيون ڏئي ڪيس حراسان ڪري رهيو آهي

ملاڪاتيار(ن ع) ڳوٺ سليمان سومرو جي رهواسي حاجي حسين سومرو پنهنجي پٽ شاهنواز سومرو سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته سال 2012ع ۾ سندس پٽ شاهنواز سومرو ديهه پيرواهه جي سروي نمبر 467 ۽ 468 ۾ واقع ڪل 8 ايڪڙ زمين مرحوم احمد سولنگي کان خريد ڪئي هئي جنهن جو باقاعده ڪاتو پڻ شاهنواز سومرو جي نالي تي موجود آهي هن چيو ته ڪجهه وقت اڳ ٻاڙي جي زميندار قاضي غلام مصطفيٰ سولنگي طرفان زمين جي ماپ ڪرائي وئي، جنهن دوران ڪجهه زمين مغل برادري سان تعلق رکندڙ فيض مغل ۽ بابو نعيم مغل وارن جي طرف نڪتي ان موقعي تي هنن کي عارضي طور ڪنهن به قسم جي اڏاوت کان روڪيندي چيو ته معاملي جو سرڪاري ماپ ذريعي شفاف فيصلو ڪيو وڃي حاجي حسين سومرو الزام هڻندي چيو ته نبي بخش عرف نبو سولنگي، جيڪو سندس چوڻ موجب خريد ڪيل زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، مختلف طريقن سان ڌمڪيون ڏئي کين حراسان ڪري رهيو آهي ۽ سندن ڪردار ڪشي ڪندي ڪوڙا الزام هڻي سندن ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي مغل اسان تي پسٽل لهيون ۽ کهاڙيون ڏيکاري ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته هيٺ زمين ۾ لهندي ته هت اوهان جا عزيز لاش اچي ڪڻندا

ڪوٽ غلام محمد ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي ريلي

الله والا چوڪ کان پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد تائين پيادل احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

عورتن خلاف وڌندڙ تشدد ۽ قتل جي واقعن جي روڪٿام لاءِ مؤثر اپاءَ ورتا وڃن: اڳواڻ

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي سنڌ ۾ هڪڙادو پاڻي جي کوٽ، پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ، پوڇڙي وارن علائقن جي ماحولياتي تباهي، امڪاني 28هين آئيني ترميم ۽ عورتن جي قتل عام خلاف الله والا چوڪ کان پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد تائين پيادل احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن بعد پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاجي ريلي ۾ آبادگارن، وڪيلن، معزز شهرين، عوامي تحريڪ ۽ سنڌي هاري تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، ضلعي صدر مختيار خاصخيلي، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ نور محمد خاصخيلي، برڪت شر، ساجن ڪمار، مولابخش نونڌاڻي، راڄچند ڪولهي، سليم خاصخيلي، نويد خاصخيلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ هڪڙادو پاڻي جي کوٽ پيدا ڪري غيرقانوني طور جهلم لنڪ ڪئنال سميت مختلف چشما واهي سنڌ جي زرعي زمينن کي سڪايو پيو وڃي، جنهن سبب ڦلتي، ڪمند، مرچ ۽ ٻيا فصل سخت متاثر ٿي رهيا آهن ۽ آبادگار معاشي بحران جو شڪار بڻجي ويا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته امڪاني 28هين آئيني ترميم ذريعي اين ايف سي ايوارڊ ۽ صوبن جي مالي وسيلن تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا. اڳواڻن چيو ته عورتن خلاف ڪاروڪاري سميت ٻين سببن جي آڙ ۾ قتل جا واقعا وڌي رهيا آهن جيڪي انتهائي افسوسناڪ آهن. هنن مطالبو ڪيو ته عورتن جي تحفظ لاءِ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ملوث ڏوهارين کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. احتجاج جي پڄاڻي تي مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي، پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي، سنڌ جي وسيلن جي تحفظ لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ عورتن خلاف وڌندڙ تشدد ۽ قتل جي واقعن جي روڪٿام لاءِ مؤثر اپاءَ ورتا وڃن.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پليلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 30 جُون 2026ع

ايران کان سستو تيل: پاڪستان جي توانائي بحران جو ممڪن حل

پاڪستان ڪيترن ئي سالن کان توانائيءَ جو بحران، مهانگائيءَ ۽ درآمدي پارڻ تي وڌندڙ خرچن جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ملڪ جي معاشي صورتحال تي سڀ کان وڌيڪ اثر پيٽروليم شين ۽ توانائي جي قيمتن جو پوي ٿو ڇاڪاڻ ته تيل ۽ گئس جي درآمد تي هر سال اربين ڊالر خرچ ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ وفاقي حڪومت پاران ايران کان سستو تيل ۽ گئس خريد ڪرڻ بابت غور ڪرڻ واري خبر نه رڳو معاشي لحاظ کان اهم آهي پر اها پاڪستان جي توانائي پاليسيءَ ۾ هڪ نئين رخ جي نشاندهي پڻ ڪري ٿي. وفاقي وزير پيٽروليم علي پرويز ملڪ ۽ وفاقي وزير رانا تنوير حسين جي بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته حڪومت ايران سان توانائي جي شعبي ۾ تعاون وڌائڻ جي خواهشمند آهي. ٻنهي وزيرن اهو واضح ڪيو آهي ته ڪجهه رڪاوٽن باوجود پاڪستان جي خواهش آهي ته جيئن ئي حالتون سازگار ٿين، ايران کان تيل ۽ گئس خريد ڪئي وڃي. حقيقت ۾ ايران دنيا جي انهن ملڪن مان هڪ آهي، جنهن وٽ تيل ۽ گئس جا وسيع ذخيرا موجود آهن ۽ پاڪستان سان ان جون سرحدون پڻ ڳنڍيل آهن. جنهن سبب ٽرانسپورٽ ۽ رسد جا خرچ به ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ٿي سگهن ٿا. پاڪستان جي معيشت تي پارڻ جي قيمتن جو سڌو اثر پوي ٿو جڏهن عالمي منڊيءَ ۾ تيل جون قيمتون وڌن ٿيون ته ملڪ اندر ٽرانسپورٽ، صنعت، زراعت ۽ روزمره استعمال جون شيون مهانگيون ٿي وڃن ٿيون. نتيجي ۾ مهانگائيءَ جو بار عام ماڻهوءَ تي منتقل ٿئي ٿو جيڪڏهن پاڪستان کي ايران کان نسبتاً سستو تيل ۽ گئس حاصل ٿي سگهي ٿي ته ان سان نه رڳو درآمدي خرچ گهٽجي سگهن ٿا، پر عوام کي به پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڌيڪ رليف ملي سگهي ٿو ٻئي طرف حڪومت جو اهو موقف به اهم آهي ته عالمي معاهدن ۽ سفارتي ذميوارين کي نظر ۾ رکندي اڳتي وڌي ويندو. پاڪستان کي عالمي سياسي ۽ معاشي حقيقتن کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ايران سان توانائي واپار جي راهه ۾ ڪجهه بين الاقوامي پابنديون ۽ سفارتي پيچيدگيون موجود آهن، جن سبب ماضيءَ ۾ ڪيترائي منصوبا، خاص طور تي ايران- پاڪستان گيس پائيپ لائين منصوبو مڪمل طور تي اڳتي نه وڌي سگهيا. تنهن هوندي به موجوده حالتن ۾ جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي قومي مفاد کي سامهون رکي سفارتي سطح تي مناسب رستا اختيار ڪري ته اهي رڪاوٽون گهٽائي سگهجن ٿيون. وفاقي وزير پيٽروليم جو اهو چوڻ به قابل غور آهي ته ڪجهه حلقا پيٽروليم شين جي قيمتن بابت عوام کي گمراهه ڪري رهيا آهن. حقيقت اها آهي ته تيل جي قيمتن جو تعين صرف عالمي منڊيءَ جي بنياد تي نه ٿيندو آهي، پر ان ۾ ٽيڪسن، ليويز، ٽرانسپورٽ خرچن ۽ ٻين انتظامي عنصرن جو به وڏو ڪردار هوندو آهي. تنهن ڪري حڪومت تي لازم آهي ته قيمتن بابت مڪمل شفافيت اختيار ڪري ۽ عوام کي واضح طور ٻڌائي ته عالمي منڊي ۾ تبديليءَ جو ڪيترو فائدو صارفين تائين منتقل ڪيو پيو وڃي. ساڳئي وقت ايل پي جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف ڪارروائي جو اعلان پڻ اهم آهي. جڏهن به توانائيءَ جي شعبي ۾ بدانتظامي يا ذخيره اندوزي وڌندي آهي ته عام ماڻهو متاثر ٿيندو آهي. حڪومت کي گهرجي ته نه صرف قيمتن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ قدم کڻي پر مارڪيٽ ۾ شفافيت ۽ قانون جي عملداريءَ کي به يقيني بڻائي. ايران کان تيل ۽ گئس جي خريداري بابت سنجيده ڪوششون پاڪستان جي توانائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون. اها رڳو اقتصادي ضرورت ناهي، پر قومي توانائي سلامتيءَ جو به اهم حصو آهي. جيڪڏهن حڪومت سفارتي، قانوني ۽ معاشي رڪاوٽن کي دانشمنديءَ سان حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته پاڪستان کي سستي توانائيءَ جا نوان ذريعا ملي سگهن ٿا، جنهن سان مهانگائي ۾ گهٽتائي، صنعتن جي بحالي ۽ عوام جي زندگيءَ ۾ آساني پيدا ٿي سگهي ٿي. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اعلانن کان اڳتي وڌي عملي قدمن ذريعي هن امڪان کي حقيقت ۾ تبديل ڪيو وڃي.

ورسيءَ جي مناسبت سان

فقير غلام حيدر نظاماڻي جي ياد ۾!



فقير حاجن نظاماڻي

بابا سائين فقير غلام حيدر نظاماڻي جو جنم پهرين آگسٽ 1933ع تي فقير شيرمحمد نظاماڻي جي گهر ۾ ڳوٺ حيات خان نظاماڻي ۾ ٿيو. اهو ڳوٺ ڀٽ شاهه کان اتر طرف 6 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي.

قليل زندگي جو انسان مسافر آهي، جنهن کي پنهنجي اينڊڙ پل جي ڪا به خبر ناهي ته ساڻس ڇا ٿيڻ وارو آهي؟ بابا فقير غلام حيدر نظاماڻي جهڙن انمول هيرن کان وڌيڪ قيمتي انسان به هوندا آهن، جن جي زندگي تمام گهڻي قيمتي هوندي آهي. اهڙن انسانن مان منهنجو بابا سائين فقير غلام حيدر نظاماڻي به هڪ هو اولاد لاءِ والدين قيمتي هوندا آهن پر بابا سائين پوري انسانيت جي خدمت ڪندڙ هئا. هر انسان جي عزت ڪرڻ وارو انداز بابا سائين جن جو هڪ انوکو انداز هو. هر انسان لاءِ سٺو سوچڻ غريبن جي مدد ڪرڻ، ڪو بابا کان سکي ها. فطرت ته اسان کي سيکاريو آهي ته هڪ انسان جي مدد ڪرڻ پوري انسانيت جي خدمت ڪرڻ جي برابر آهي. لطيف سائين جي فقيرن، پنهنجي مرشد جي طريقت سان عشق جي انتها ڪري، لطيف سائين جي طريقت سان خوب نڀايو آهي. 'لطيفي فقير' ان کي چئبو آهي، جنهن جو عمل لطيفي طريقت وارو هجي باقي بيتن کي ياد ڪرڻ ۽ لسانيات، لغت، لفظن جي معنيٰ لاءِ تحقيقدان ته ڪوڙ سارا آهن. جيڪي پنهنجي ڪم کي سرانجام ڏئي رهيا آهن. انهن کي به جُس هجي پر جيڪي لطيف سائين جي فڪر سان نڀائڻ لاءِ لطيفي طريقت سان سلهاڙيل آهن. اصل لطيفي طريقت وارا اهي ماڻهو آهن. اصل عاشق جو ڪم اهو آهي ته عاشق پاڻ کي پنهنجي محبوب جي حوالي ڪري ڇڏي، اهڙي ريت مرشد لطيف سائين جي فقيرن پنهنجون حياتيون مرشد جي عشق ۾ خود کي لطيفي طريقت جي حوالي ڪري ڇڏيون پر انهن جو مقصد خود کي مشهور ڪرڻ نه هوندو آهي، لِڪل حياتي گذارين ٿا. پنهنجي ڪم سان ڪم رکي، نيڻهن جو ناتو نڀائي هن دنيا مان هليا ويندا آهن.

نيسنه ڳهوڙو نيڻهن جو، ڙريائين ڏاريائون،
سُڪ نه سُتا ڪڏهن، گهر نه گهاريائون،
موت کي ماريائون، موت نه ماريا ڪاپڙي. (شاهه لطيف)

لطيف سائين جا فقير لطيفي فڪر ۽ طريقت جي رنگ ۾ رَتل آهن جن پنهنجي حياتيءَ جو مقصد لطيف سائين جي طريقت کي ڪري ۽ پنهنجي زندگيءَ جو مقصد به لطيف سائين جي رستي ڏانهن موڙي ڇڏيو هجي انهن ڪردارن مان بابا سائين فقير غلام حيدر نظاماڻي به هڪ هئا مون وٽ لفظن ناهن جيڪي بابا سائين جي لطيفي طريقت لاءِ ڪيل خدمتن کي بيان ڪري سگهان بابا سائين ننڍي عمر ۾ لطيف سائين جو رسالو ياد ڪرڻ شروع ڪيو، ان کان پوءِ لطيف سائين جي راڳ بابا جي دل ۾ دائمي عشق جنم ورتو. بابا سائين جن هر اربع جي رات لطيفي راڳ جي شروعات پنهنجي اوطاق تي ڪئي. شاهه جي راڳ کان علاوه بابا سائين هر هفتي جمع جي رات لوڪ ادب سگهڙن جي ڪچهري ڪرائڻ شروع ڪئي، جيڪا هاڻي ماهوار 15هين هجري تاريخ تي ٿيندي آهي ۽ بابا سائين جن حڪمت سان پڻ وابسطا رهيا. انسانيت جي خدمت ئي فقيرن جو مقصد هوندو آهي. حڪمت سان تعلق وڏن کان ورثي ۾ بابا سائين جن کي مليو هو. هاڻي پاڻ علي ڏنو نظاماڻي حڪمت جو ڪم ڪندو آهي. اڻون به حال سارو سنڌس سلڪ ڏيندو آهيان بابا سائين غلام حيدر نظاماڻي جي شخصيت کي هڪ ننڍڙي آرٽيڪل ۾ سمائڻ اهو ممڪن ناهي هي هڪ مختصر ليک ورسيءَ جي مناسبت سان خراج عقيدت طور پيش ڪريان ٿو بابا سائين جن هميشه انسانيت جي خدمت ڪندي حياتي گذاري. بابا درگاهه لطيف سائين تي 1957ع واري ڏهاڪي ۾ راڳ ڳائڻ شروع ڪيو.

بابا سائين جن لطيف سائين جي راڳ سان گڏ لوڪ ادب جي به ساڳئي عرصي تائين خدمت ڪئي جيڪا هاڻي به هلندڙ آهي (جهڙو حال حبيبان). سنڌس لوڪ ادب جي دوستن ۾ سائين صالح محمد شاهه مٽارو وارو، پير بخش چانڊيو ۽ ٻيا اڻ ڳڻيا سگهڙ ۽ ساٿي رهيا. لوڪ ادب جي خدمت ڪندي اڌ صدي جي سٽ ۾ ڪيترائي بابا جا ڪيترائي سگهڙ دوست ۽ ساٿي رهيا هئا. سڀني سگهڙن جا نالا هتي نالا لکڻ ناممڪن آهن لوڪ ادب جي ڪچهرين جا پروگرام بابا سائين پي ٽي وي ڪراچي سينٽر تي ڪيترائي ڪچهري پروگرام ۾ ڪيا هئا. ادبي طور مخدوم طالب المولىٰ سان پڻ ويجهڙائپ پڻ هئي.

بابا سائين جن سڀني انسانن سان درگذر واري ماحول ۾ رهندا هئا. ڪو ماڻهو غلطي ڪندو هو ۽ وري معافي وٺندو هو ته بنا ڪنهن رڪاوٽ جي بابا سائين جن انهي کي معاف ڪري ڇڏيندا هئا. سهڻي پيار جو بابا وٽ انڪٽ خزانو هئا. بابا جيڪا مونسان محبت ڪئي ان جي لاءِ مون وٽ الفاظ ڪون آهن هر والد پنهنجي اولاد جي لاءِ شفيق هوندو آهي پر بابا سائين جي پيار جو انداز ڪجهه نرالو هوندو هو. جنهن ماڻهو سان بابا هڪ دفعو ملاقات ڪئي، ان کي بابا سائين جو پيار سڄي زندگي نه وسرندو آهي پر بابا سائين جنهن ماڻهو سان هڪ دفعو مليا، اُن ماڻهو جو چهرو ۽ نالو بابا سائين کي ڪڏهن به نه وسرندو هو.

بابا خميس جي رات درگاهه تي شاهه جو راڳ ڳايو ۽ جمع جي رات سگهڙ دوستن سان روح رهاڻ ڪئي جمع نماز جماعت کي پڙهائي. پوءِ اچي پنهنجي آستاني تي ويٺا 29 مارچ 2002ع تي 2 سوا وڳي بمطابق 14هين محرم الحرام جمع ڏينهن امامن سڳورن جي شهادت جي ڪچهري ڪندي لطيف سائين جا بيت پڙهندي سنڌن وصال ٿيو بابا سائين کي لطيف سائين جي ڳوڏڙي اوڍائي وئي. لطيفي ذڪر (الحديث) وارو فقيرن ذڪر ڪيو جنازه نماز لطيف سائين جي درگاهه تي ٿي جتي حُجري شريف ۾ بابا جي آخري آرام گاهه آهي بابا سائين فقير غلام حيدر نظاماڻي جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي، دعا گهري ورسي ملهائي ويندي شاهه جو راڳ فقرائي آستاني تي ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻي ۾ لڳ ڀٽ شاهه ۾ ڪيو ويندو روحاني طور بابا سائين فقير غلام حيدر نظاماڻي هميشه مونسان گڏ آهي ان جو اظهار ڪرڻ ممڪن ناهي

موسمياتي تبديلين جا پونڊڙ خراب اثر!



خالد پانهڻ

هن وقت پوري دنيا ۾ موسمياتي تبديلي هڪ وڏو چئلينج بڻجي چڪي آهي موسمياتي تبديليءَ ۾ آبي آلودگي ٽريفڪ شور جي آلودگي فضائي آلودگي موسمياتي تبديلي جيئن مار دوائن جو غلط استعمال، زمين جي بلاوجهه کٽائي قدرتي آفتون ان سڄي ڳُلتيءَ جوڳي صورتحال کان بچڻ جي لاءِ سوچڻو پوندو ڇو ته اسان وٽ موسمياتي تبديلي وڏو مسئلو بڻجي چڪي آهي ڪيترن ڏهاڪن کان آبهوا جي تبديل اثرن پڻ ماحول کي سخت متاثر ڪيو آهي ملڪ جي وڏن شهرن ڪراچي اسلام آباد، لاهور، راولپنڊي ۽ ٻين شهرن ۾ ٽريفڪ جي شور پڻ ماحول دشمن آلودگيءَ کي جنم ڏنو آهي ان جي لاءِ اسان کي صحت تندرستي جي اصولن سان گڏ وڻ ٻيلا بچائڻ ۽ ترتيءَ تان آلودگيءَ جي طوفان کي روڪڻو پوندو

فيڪٽرين جي ماحوليات دشمن دونهون، زمينن کي نقصان پهچائيندڙ ڪيميڪل واري زهريلي پاڻيءَ جي رستا روڪ ڪرڻي پوندي، پي صورت ۾ ايندڙ ڏينهن ۾ گرميءَ جو پد اچان وڌندو ۽ حالتون ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري وينديون پاڻ کي شايد پوءِ سوچڻ جيترو به موقعو نه ملي ڇو ته اسان ماحوليات کي بهتر ڪرڻ جي بجاءِ اچان وڌيڪ بگاڙي رهيا آهيون وڻن جي واڍي جي ڪري ٻيلن جي خاتمي وارا اصول اپنائي پنهنجي هٿن سان ترتيءَ جي مٽئين تهه تي هٿ سان دوزخ تيار ڪري رهيا آهيون ان جو هڪڙو مختصر پر تفصيل سان تعارف سنگت آڏو رکي رهيو آهيان قصو ڪجهه هن ريت آهي ته سکر ضلعي جي پنوعاقل تعلقي ۾ 2 هزار 2 سئو 30 ايڪڙن تي مشتمل ٻڌ ٻيلوجي 8 سئو 59 ايڪڙن تي سال 2000ع، يعني ڳنڍيل 25 سالن کان بااثر ماڻهن قبضا ڪري ڇڏيا آهن هيءَ ٻيلو جيڪو چوپائي مال جو قديمي چراگاهه جي حيثيت رکندڙ ۽ پنج يونين ڪائونسلن تي مشتمل آهي جنهن ۾ يونين ڪائونسل داڻلو، تداپور، ستوجا، ڪوٽ بلاءِ يونين ڪائونسل مولا علي شامل آهن

تقريبن هڪ سؤ جي لڳ ڀڳ ڳوٺن جي گهر جو چلهو هن ٻيلي زمين، گاهه ۽ فصل تي هلندڙ آهي پر بااثر زميندارن قبضا ڪري وڻن جي واڍي ڪري غير قانوني طور وڪرو ڪري زمين ٻيلي جي زمين تي فصل پوکي پاڻ وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن جي اپت جو معاملو ٿيو آهي ته هڪ رُوپيا به ٻيلي کاتي جي اڪائونٽ ۾ نه پيو ڏنو وڃي هي ٻيلو 8 جوڪڙين تي مشتمل آهي هن جي بچاءَ ٻڌ تي پوليس جون چار پڪٽيون پڻ قائم آهن جنهن ۾ پڪٽ نمبر 8، پڪٽ نمبر 9، پڪٽ نمبر 10 ۽ پڪٽ نمبر 11 نبي شاهه بخاري پڻ شامل آهن پوليس چوڪين جي باوجود ٻيلو قبضا گيرن کان محفوظ ناهي ٻڌ ٻيلي جي 8 سئو 59 ايڪڙن تي مشتمل زمين تي بااثرن جي ٿيل قبضن بابت جڏهن ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سکر سان ڪچهري ڪئيسين ۽ پڇا ڪئيسين جنهن ٻڌايو ته ٻڌ ٻيلو جي 8 سئو 59 ايڪڙ زمينن تي سال 2000ع کان بااثر ماڻهن جا قبضا ٿيل آهن قبضا ختم ڪرائڻ جي لاءِ ڪاروايون ڪيون آهن اچان به ڪيون پيا...! هن وقت تائين 79 قبضا ڪندڙ بااثر ماڻهن تي 25 ايف آءِ آر داخل ڪرايون آهن ڪورٽن ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهي سال 2022-23ع ۾ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد سان آپريشن پڻ ڪيو هو پر سياسي مداخلت سبب قبضا ڪندڙ آزاد ٿي وڃن ٿا پيو ته ٻيلي ۾ ڌوهارين جي هجڻ سبب به قبضا ختم ڪرائڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن اهڙيون رپورٽون ڪورٽ ۾ به جمع ڪرايون آهن ڪورٽ جي حڪم تي بااثر قبضاگير زميندارن جا نالا پڻ نيب کي ڏنل آهن ۽ انڪوائري هلي رهي آهي

قبضا گير زميندارن کي نوٽيس به اشو ٿيا آهن سيشن جج جي نگرانيءَ ۾ جڊيل فاريسٽ ڪميٽي آڏو مسئلا رکيا آهن ۽ قبضا گيرن کان ٻيلو خالي ڪرائڻ لاءِ ٻيهر پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سميت آپريشن جي لاءِ لکيو آهي ڪنهن سان به رعايت نه ڪئي ويندي، جلد ئي ٻيلن تان قبضا ختم ڪرايا ويندا علائقي جي زميندارن ۽ سماجي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته ٻڌ ٻيلي تي جمهوريت جي دور ۾ بااثر ماڻهن جا قبضا ٿيل آهن سنڌ حڪومت توڙي ٻيلو کاتو ڪو تحرڪ نه پيو وٺي هن ٻيلن تي اسان غريب مسڪين ماڻهن جو گذران آهي اهو به ڪسيو ويو آهي ٻيلي کاتي کان مطالبو ڪيون ٿا ته ٻڌ ٻيلي تان قبضا هنگامي بنيادن تي ختم ڪرايا وڃن ڇو ته سنڌ پهريان ئي موسمياتي تبديلين سبب ماحولياتي آلودگي وڌندڙ گرميءَ جي شدت جي ڪري الاهي گهڻو وڻن جو تعداد گهٽجڻ ڪري نقصان ٿيو آهي ٻيلا يا وڻ ترتيءَ جي سونهن هوندا آهن انهن جي واڍي ۽ خاتمي سان ماحولياتي نظام تي خراب اثر پون ٿا. ٻڌ ٻيلي جي زمينن تي قبضن واري معاملي نوٽيس وٺي جلدي قبضا ختم ڪرايا ويندا اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته ٻيلي جي زمينن تي بااثر ماڻهن قبضا ڪري پنهنجا گهر پڻ اڏي ڇڏيا آهن ۽ فصل به پوکي رهيا آهن جڏهن ته سال 2011-17ع ۾ موٽر وي ايم 5 جي لاءِ مٽي پڻ ٻڌ ٻيلي مان کنئي وئي هئي جنهن جي حساب ڪتاب جو ڪو رڪارڊ ڪونهي

خير اهو هڪڙو مثال پيش ڪيو آهي پر سنڌ جي سمورن ٻيلن جو حال ساڳيو آهي هڪ طرف ٻيلا تيزيءَ سان ختم ٿيندا پيا وڃن ٻئي طرف پهاڙن جي کٽائي به اهڙي تيزيءَ سان هلندڙ آهي ترتيءَ کي جڻ ته گنجو ڪري ان جي خوبصورتيءَ سان بي رحمائي تذليل واري راند رچائي وئي آهي مطلب ته ماحولياتي بگاڙ کي اسان پاڻ هٿ وٺي دعوت ڏئي رهيا آهيون هر سال سڄي دنيا ۾ 21 مارچ تي 'ٻيلن جو عالمي ڏينهن' ملهايو ويندو آهي پر حقيقت اها آهي ته صرف تقريرون ڪرڻ ۽ ريليون ڪڍڻ ڪانسواءِ هڪ وڻ به ناهيون هڻندا حڪومت سان گڏ عوام جو به فرض آهي ته پنهنجي علائقن ۾ وڻ پوکي ان جا زبردست ۽ بهترين نتيجا ملندا جنهن سان ماحولياتي آلودگي گرميءَ جي پد ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي، ڇو ته انساني آباديءَ ۾ تيزيءَ سان واڌ سبب سلوڪ جي سرهاڻ کي مروڙيو پاڻ سوسائٽيز تي زور ڏنو آهي شهرن جي ڦهلاءَ سبب پکي جانورن جو پرسڪون ماحول ختم ٿي ويو آهي هن وقت گلوبل وارمنگ چئلينج بڻجي چڪي آهي ڇا وينزويلا ملڪ ۾ آيل شديد زلزلو اوهان کي سبق نٿو سيکاري ته اسين ترتيءَ تان ماحول دوست ماحول ختم ته پيا ڪريون؟ ظاهر آهي زلزلا ته ايندا آهن ۽ جاني توڙي مالي نقصان به ٿيندا آهن تڏهن ته چئون ٿا ته ان اشوءَ تي سنجيدگيءَ سان غور ويچار ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي

انرجي ڪوريڊور جا معاشي اثر!



ميان عمران احمد

جڏهن به پاڪستان ۽ ايران جي لاڳاپن جي ڳالهه ٿيندي آهي ته سڀ کان وڌيڪ ذڪر ايران-پاڪستان گئس پائيپ لائين منصوبي جو ٿيندو آهي ڳنڍيل ويهن سالن کان هيءَ منصوبو ٻنهي ملڪن وچ ۾ توانائي (بجلي ۽ گئس) جي سهڪار جي علامت رهيو آهي پر هاڻي علائقي ۽ دنيا جي بدلجندڙ معاشي حالتن کي ڏسندي رڳو هڪ گئس پائيپ لائين تي پاڻ ڪافي ناهي پاڪستان کي گهرجي ته اهو پنهنجي پاليسي کي وڌيڪ وسيع ڪري، ايران-پاڪستان انرجي ڪوريڊور جي رٿا تي ڪم ڪري ۽ ايران سان بجلي جي گرڊ جو رابطو وڌيڪ مضبوط بڻائي شروعاتي مرحلي ۾ ايران کان 500 ميگاواٽ بجلي وٺي سگهجي ٿي پوءِ ان کي هڪ هزار ميگاواٽ ۽ بعد ۾ ٽي هزار ميگاواٽ تائين وڌائي سگهجي ٿو ان مقصد لاءِ گوادر، پسني، اورماڙا ۽ ڪراچي تائين پاڪستان-ايران انرجي بيلٽ قائم ڪري سگهجي ٿي ايران مان ايندڙ گئس ۽ بجلي رڳو گهرن ۾ استعمال ڪرڻ بدران معدنيات کي پروسيس ڪرڻ، مڇيءَ جي صنعت، ٿڌن گودامن سمنڊ جي کاري پاڻي کي مٺو بڻائڻ وارن پلانٽن ۽ برآمدي صنعتي علائقن ۾ به استعمال ڪري سگهجي ٿي گوادر ۾ سان گڏيل طور پيٽروڪيميڪل ۽ بلو امونيا هب به قائم ڪري سگهجي ٿو جتي ايراني گئس مان پاڻ ميٿانول، امونيا ۽ جهازن لاءِ ٻارڻ تيار ڪري سگهجي ٿو جيڪڏهن هن رٿا تي مرحليوار عمل ڪيو وڃي ته رڳو پاڪستان-ايران بجلي گرڊ مان هر سال ٻه کان ٽي ارب ڊالرن جي معاشي سرگرمي پيدا ٿي سگهي ٿي انرجي بيلٽ مان ٽي کان پنج ارب ڊالر بلو امونيا هب مان هڪ کان ڏيڍ ارب ڊالر سرحدي صنعتي پارڪن مان به کان چار ارب ڊالر، مڇي ايل اين جي ڪوريڊور مان به کان ٽي ارب ڊالر، گوادر-چابهار مال مان به کان چار ارب ڊالر گئس پائيپ لائين مان چار کان ڇهه ارب ڊالر، ٻنهي ملڪن جي واپار ۾ واڌ سبب ڇهه کان ڏهه ارب ڊالر جڏهن ته ريفائنري ۽ پيٽروڪيميڪل منصوبن مان وڌيڪ ڇهه کان ڏهه ارب ڊالرن جي معاشي سرگرمي پيدا ٿي سگهي ٿي محتاط اندازن موجب، انهن سڀني منصوبن مان گڏيل طور هر سال لڳ ڀڳ 30 کان 35 ارب ڊالرن جي معاشي گنجائش پيدا ٿي سگهي ٿي جڏهن ته جيڪڏهن پورو ايران-پاڪستان انرجي ڪوريڊور مڪمل طور تي قائم ٿي وڃي ته اها صلاحيت وڌي 40 کان 45 ارب ڊالر ساليانو تائين پهچي سگهي ٿي

دنيا ۾ ان جا ڪيترائي ڪامياب مثال موجود آهن روٽرڊيم، سنگاپور ۽ فجيره رڳو بندرگاهون نه رهيون آهن پر هاڻي اهي عالمي سطح جا توانائي مرڪز بڻجي چڪيون آهن انهن جي ڪاميابي جو راز رڳو هڪ پائيپ لائين يا هڪ منصوبي ۾ نه، پر هڪ مڪمل توانائي نظام ۾ آهي جنهن ۾ گئس ۽ تيل جي ذخيرداري، ريفائنٽنگ، ٽرانسپورٽ، سامان جي ترسيل واپاري لنگهه ۽ صنعتون سڀ شامل آهن پاڪستان کي به هاڻي پراڻي سوچ کان اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي پراڻي سوچ رڳو ايران-پاڪستان گئس پائيپ لائين تائين محدود آهي جڏهن ته نئين سوچ ايران-پاڪستان انرجي ڪوريڊور هجڻ گهرجي هڪ پائيپ لائين ڪنهن به سبب ڪري ڪمزور يا غيرفعال ٿي سگهي ٿي پر هڪ مڪمل انرجي ڪوريڊور ملڪ ۾ سيڙپڪاري آڻي سگهي ٿو، روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري سگهي ٿو، برآمدات وڌائي سگهي ٿو ۽ پاڪستان کي علائقي جو هڪ اهم معاشي مرڪز بڻائي سگهي ٿو اهڙي معاشي ترقي واري منصوبي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جون خدمتون پڻ حاصل ڪري سگهجن ٿيون، ڇو ته ماضي ۾ ايران-پاڪستان گئس پائيپ لائين منصوبي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ان وقت جي صدر آصف علي زرداري آمريڪي دٻاءَ جي باوجود اهم ڪردار ادا ڪيو هو ٻئي طرف پاڪستان جي آڊيٽر جنرل جي تازي 399 صفحن تي ٻڌل رپورٽ هڪ ڀيرو ٻيهر اهو سوال اٿاري ٿي ته پاڪستان جو اصل مسئلو وسيلن جي کوٽ آهي يا وري خراب حڪمراني؟ رپورٽ موجب گهرو وزارت ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري وزارت خلاف 65 آڊٽ اعتراض سامهون آيا آهن جيڪي وفاقي ادارن ۾ سڀ کان وڌيڪ آهن انهن اعتراضن مان سڀ کان اهم اهو آهي ته 3,421 هٿيارن جي لائسنسن جي مد ۾ وصول ڪيل لڳ ڀڳ 5 ڪروڙ 60 لک رپيا سرڪاري خزاني ۾ جمع ئي نه ڪرايا ويا جيتوڻيڪ اها رقم وفاقي بجيٽ جو رڳو 0.0003 سيڪڙو آهي پر اصل مسئلو رقم جي مقدار نه، پر مالي نظام جي ڪمزوري آهي سوال رڳو اهو ناهي ته اها رقم ڪيڏانهن وئي پر اهو به آهي ته اهڙو نظام آخر ڪيئن هلي رهيو آهي جتي لکين نه پر ڪروڙين رپيا سرڪاري رڪارڊ ۽ خزاني جي وچ ۾ گم ٿي وڃن ٿا جيڪڏهن هڪ وزارت وٽ ئي ڪجهه ڪروڙ رپين جي آمدني جو مڪمل رڪارڊ موجود نه هجي ته پوءِ اربين رپين جي ترقياتي منصوبن ۽ سرڪاري خريداريءَ جي نگراني ڪيتري مؤثر هوندي، ان جو اندازو لڳائڻ ڏکيو ناهي جنوري 2022ع ۾ ايڪنڪ هن منصوبي جي منظوري 96 ارب رپين جي لاڳت سان ڏني هئي پر اپريل 2026ع تائين ان جي لاڳت وڌي 203 ارب رپين کان به مٿي پهچي وئي يعني رڳو چئن سالن ۾ منصوبي جي لاڳت ۾ لڳ ڀڳ 112 سيڪڙو اضافو ٿيو اهڙي طرح لاڳت ۾ وڌيل تقريباً 109 ارب رپيا ڪيترن ئي وفاقي وزارتن جي ساليانو ترقياتي بجيٽ کان به وڌيڪ آهن ۽ موجوده سال جي ترقياتي بجيٽ جي لڳ ڀڳ 20 سيڪڙو جي برابر ٿين ٿا اصل سوال رڳو موٽروي ناهڻ جو ناهي پر اهو آهي ته اها ڪهڙي طريقي سان ناهي پئي وڃي اپريل 2026ع ۾ ايڪنڪ هدايت ڪئي هئي ته هن منصوبي لاءِ بين الاقوامي مقابلي واري ٽينڊرنگ (International Competitive Bidding) ڪئي وڃي پر هاڻي ان جي بدران ڳالهين ذريعي ٺيڪو ڏيڻ وارو طريقو اختيار ڪيو پيو وڃي بظاهر اهو معمولي فيصلو لڳي ٿو پر ان جي نتيجي ۾ اربين رپين جي مالي بي ضابطگين جا خدشا پيدا ٿي سگهن ٿا.

خان محمد پنهور: هڪ سماج سڌارڪ ۽ آدرشي انسان



پروفيسر اعجاز قريشي

سنڌ جي سماجي ترقي ۽ جاڳرتا جي لاءِ هن وقت تائين ڪيترن ئي فردن پنهنجون عمريون ڏنيون آهن. ڏينهن رات هڪ ڪري ڪم ڪيو آهي ۽ پنهنجي صلاحيتن، وقت، تجربي ۽ توانائيءَ سان گڏ جذبي ۽ ارادي جي پختگيءَ سان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. توڙي جو اهڙا سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو مس ٿيندا. جن مان خان محمد پنهور به هڪ آهي

هُو هڪ اعليٰ آدرشي انسان ۽ ڪميٽڊ سماج سڌارڪ هو. هن پنهنجي شعوري زندگي جا سمورا سال ماڻهن جي خدمت ڪندي گذاريا. هن سنڌ جي ماڻهن جي ترقيءَ ۽ انهن جي قسمت جي تبديليءَ جا ڪيترائي خواب ڏٺا، نه رڳو خواب ڏٺا پر انهن جي تعبير جي لاءِ عملي جاکوڙ به ڪئي هن چاهيو پئي ته اسان جا نظرانداز، پيڙهيل ۽ ستايل ماڻهو ڪنهن به طرح جاڳي پون ۽ پراڻين ريتن رسمن ۽ زندگيءَ گذارڻ جي فرسوده طريقن کي ڇڏي هڪ نئين ڏگ تي اچن اهو ڏگ جيڪو جديد دنيا جي تقاضائن ۽ قدرن جي ڏس ۾ قومن لاءِ مددگار ثابت ٿئي ٿو خان محمد پنهور اسان جي ڳوٺ بختياپور پرسان هڪ ڳوٺ آراضيءَ ۾ پيدا ٿيو ۽ اتان هلي ڪراچي يونيورسٽي مان پهريائين ايم اي سنڌيءَ ۾ ڪيائين بعد ۾ جرنلزم ۾ ماسٽرس ڪيائين ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ انفرميشن ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪيائين شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وي سي ٿيو ته هُن سنڌ جي مادر علميءَ ۾ تعليم جي معيار بهتر ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ورتيون خاص طور تي مختلف شعبن ۽ ادارن تي ماڻهو مقرر ڪيا، جيڪي پنهنجي پنهنجي موضوع جي حوالي سان باصلاحيت، ذهين ۽ محنتي هئا ان زماني ۾ شيخ اياز کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ صحافتي شعبي (Journalism) کولڻ جو خيال ٿيو، ان سلسلي ۾ هُن خان محمد پنهور سان رابطو ڪيو. ائين يونيورسٽيءَ کي هڪ اهم شعبو مليو ئي مليو پر ان سان خان محمد پنهور جهڙو استاد به مليو، جنهن ان شعبي کي هلائڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي بعد ۾ ان شعبي کي Journalism مان مٽائي Mass Communication نالو رکيو ويو.

اسين هڪ ٻئي جي ويجهو تڏهن آياسين جڏهن پاڻ ڪراچي يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو ۽ آئون سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هئس پر اسان جي ويجهڙائي ۽ دوستي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جي پليٽ فارم تي اچڻ کان پوءِ ٿي جتي اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ته گڏوگڏ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جو به وجهه نصيب ٿيو.

خان محمد پنهور هڪ غير معمولي ماڻهو هو. هن کي قدرت واري ڪم ڪرڻ جون ڪيترين ئي صلاحيتون عطا ڪيون هيون خاص طور هن ۾ اها خصوصيت هئي ته هُو ماڻهن سان تمام جلد رلي ملي ويندو هو ۽ انهن کي پنهنجو ڪري وٺندو هو. هُو سچو ۽ کرو ماڻهو هو، سنڌس دل انساني همدردي، پيار ۽ خلوص سان تمتار هئي ان سان گڏوگڏ هُو سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻڻ وارن جي منصوبن تي سوچيندو رهندو هو. هُو اهڙو ماڻهو هو جنهن پنهنجي زندگيءَ جي هر پل کي مقصد تحت گذاريو ان ڪري هن جيڪا جمار گذاري اها ڪامياب ۽ ڪامران هئي هر ڪامياب زندگيءَ جو راز اعليٰ آدرشن ۽ مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ عملي جدوجهد ۽ نيڪ جذبن ۽ نيتن تي هوندو آهي ۽ اها ڪامياب زندگي پنهنجي پويان ڪي نه ڪي مثبت نتيجا ۽ اتساهه جا ذريعا ڇڏي ويندي آهي ۽ اهي هڪ اهڙو رستو ثابت ٿيندا آهن جنهن تان هلي سوين قافلا پنهنجين منزلن کي وڃي رسندا آهن 1976ع ۾ جڏهن سگا جي حيدرآباد شاخ قائم ٿي ته پاڻ ان جو پهريون سيڪريٽري ٿيو ان پليٽ فارم تي هوريان هوريان اسين ڪيترائي دوست، ساٿي ۽ هم خيال گڏ ٿيندا وياسون ۽ سنڌ ۾ سماجي ترقيءَ ۽ مثبت تبديليءَ جي مشن جي مشعل کڻي نڪتاسين انهن ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ، شمشير الحيدري، نظر ميمڻ، فضل الله قريشي شريف ميمڻ، بخش علي لاکو، ولي محمد روشن ۽ ظفر حسن وغيره شامل هئا.

سگا جو بنيادي ڪم ماڻهن ۾ پنهنجي شين ڏانهن مالڪيءَ واري تصور کي اڀارڻ هو ته گڏوگڏ سنڌن سُکي ۽ بهتر زندگيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ ۽ ماڻهن جي ذهني ۽ شعوري تربيت ڪرڻ هو. خان محمد پنهور ان مقصد ماڻڻ لاءِ سنڌرا ٻڌي ميدان ۾ لٿو ۽ سنڌي ماڻهن کي منظم ڪرڻ لاءِ ڳوٺن ڏانهن روانو ٿيو جتي هُو ماڻهن سان ڏينهن جا ڏينهن راتين جون راتيون ڪچهريون ڪندو هو، کين سمجهائيندو هو ۽ اتساهيندو هو ۽ کين ميڙي سهيڙي تنظيمون ناهيندو هو. هن ماڻهن جي من ۾ ان خيال جو ٻج ڇٽيو ته اوهان کي ڪنهن به ٻي ڌر جي ڪابه ضرورت ناهي ۽ اوهان جا ڳوٺ اوهان جي هٿن، اتحاد، تنظيم ڪاري، محنت ۽ ڌيان ڏيڻ سان سڌري سگهن ٿا. هُو سنڌ ۾ انهن بنيادي ماڻهن مان هو جن والنٽيئرازم جو بنياد وڌو ۽ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۾ اهڙا رضاڪار پيدا ڪيا، جن پنهنجي پنهنجي ڳوٺ جي ترقي ڏانهن ڌيان ڏنو اتي اسڪول کوليا، رستا ناهيا، لائبريريون قائم ڪيون ۽ ڳوٺن جي صفائي سٿرائي ڏانهن ڌيان ڏنو. هن سنڌ جي ماڻهن کي هڪ اتساهيندڙ پيغام ۽ سڌ ڏنو ته: "اچو ته مٿلي ڳوٺ اڏيون!"

خان محمد پنهور انهن مڙني پاسن ۽ زاوين کان واقف هو، جيڪي هڪ ڳوٺ کي مٿلي بنائڻ لاءِ مددگار ثابت ٿيندا آهن سنڌس محنت ۽ پورهئي جو نتيجو آهي جو اڄ سڄي سنڌ ۾ ڳوٺ سڌار سنگت پروگرام هلي رهيو آهي اسان جي ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ هيٺ ڳوٺ جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ ڪنهن به ٻي جي مدد يا سهڪار جي جاءِ تي سڀ بار پنهنجي ڪلهن تي کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن اهو سڄو ڪريڊٽ خان محمد پنهور ڏانهن وڃي ٿو جنهن سنڌ جي ٻهراڙين جي ماڻهن ۾ ان شعور جي آبياري ڪئي ۽ هڪ Committed سماج سڌارڪ جي حيثيت ۾ هُن ڪنهن به لالچ ۽ لوڀ کان سواءِ ڪم ڪيو ڳوٺ سڌار سنگت پروگرام جنهن جون ذميواريون هن جي حوالي ڪيون ويون هيون، ان کي هن تخليقي انداز ۾ هلايو ۽ هن پنهنجي ديس جي پٺتي پيل نظرانداز ڪيل ۽ پيڙهيل ماڻهن ۽ طبقن ۾ زندگيءَ جو هڪ نئون روح ڦوڪيو، جيڪو هن جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو آهي خان محمد پنهور جي رفاقت ۾ مون زندگيءَ جا ڪيترائي سال گذاريا. ڪيترائي واقعا ۽ حوالا آهن هن کي ياد ڪرڻ جا، مون کي اهي ڏينهن ياد ٿا اچن هن سنڌ جي اهم علمي ۽ ادبي شخصيت شيخ عبدالمجيد سنڌي جي شخصيت، ان جي شخصي پهلوئن ۽ ان جي ڪيل پورهئي ۽ ڪارنامن کي پنهنجي ٿيسز جو موضوع بنايو سنڌس پي ايڇ ڊي ٿيسز تي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سيمينار منعقد ڪرايو ويو ان سيمينار ۾ ٻين سينيئر استادن سان گڏ آئون به موجود هئس جڏهن ٿيسز پيش ٿي ان تي خيالن جي اظهار لاءِ واري واري سان استادن کي گهرايو ويو. تڏهن اهو واضح طور محسوس ٿي رهيو هو ته سنڌس پي ايڇ ڊي کي لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ان موقعي تي مون ان سيمينار ۾ پي ايڇ ڊي ٿيسز تي ڀرپور تقرير ڪئي جنهن سان ان جي مخالفت جو زور گهٽجي ويو ۽ ٿيسز جي منظوري ڏني وئي جيڪا بعد ۾ انگريزيءَ ۾ ڇپي

چونڊا آهن ته ڪنهن ماڻهوءَ کي پرکڻو هجي ته ان سان گڏ سفر ڪيو. خان محمد پنهور ۽ مون هوندي ته پنهنجي ملڪ اندر ڪيترائي سير سفر ڪيا، پر ملڪ کان ٻاهر به گڏ وياسين هندستان جتي اسين هڪ ٽريننگ جي سلسلي ۾ وياسين. اسان کي سنڌي هندن سان ملڻ جو تمام گهڻو شوق هو، سو فارغ وقت ۾ سنڌي هندن جي ڳولا ۾ نڪري پوندا هئاسين. ان سفر جون ٻيون ڪيتريون ئي يادگيريون آهن جن کي وقت اچڻ تي ضرور قلمبند ڪيو ويندو هتي فقط هيءَ ڳالهه ڪرڻي آهي ته خان محمد پنهور، اسان جو يار، پنهنجي سر ۽ سياءَ ۾ پاڻ اربيندڙ ماڻهو هو، اهوئي سبب آهي جو سڄيءَ سنگت کي پيارو هو لطيف سائين به اهڙن ئي ماڻهن لاءِ چيو ته:

هتان ڪٿي هُتِ، جن رکيو سي رهيون،
سڄڻ سونهن سرت، وڃان ئي ويجهو ٿيا.

اهي ئي خصوصيتون هيون خان محمد پنهور ۾ جن ڪيس سنڌ جي سماجي ميدان جي تاريخ ۾ اهم نالي ۽ حوالي طور سڃاڻپ ڏني، هن جي ذات ڪنهن به هيڇ ۽ لالچ کان ڪوهين پري هئي.

ته ڪي ڪٺن پاڻ سين، ته ڪي ساڻن پاڻ،
اهڙا جن لهجاڻ، آئه نه جيئندي ان ري. (شاهه)


اجوکو ڏينهن ---- 30 جُون

ڏيارام ڳنومل شاهاڻي



اجوکو ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو سنڌ جي مهان شخصيت ڏيارام ڳنومل شاهاڻيءَ جي جنهن جو جنم اجوکي ڏينهن تي 1857ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو هو هڪ ايماندار جج تعليم دوست ۽ انسان دوست شخصيت طور سنڌ واسين جي دلين ۾ هميشه وسيل رهندو هن ابتدائي فارسيءَ جي تعليم آخوند نورمحمد کان پنهنجي گهر ۾ حاصل ڪئي ان بعد بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ ڪلارڪ طور ڪئي ۽ بعد ۾ سمال ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو اڳتي هلي سنڌ جو جوڊيشنل ڪمشنر مقرر ٿيو ڪيس هاءِ ڪورٽ جي جج ٿيڻ جي به پيشڪش ٿي پر هن اها آڇ قبول نه ڪئي هو هڪ ايماندار ۽ غيرجانبدار جج طور سڄي سنڌ ۾ مشهور هو سنڌس ايمانداريءَ جا مثال پير علي محمد راشديءَ جي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ پڙهي سگهجن ٿا. هڪ قانوندان هجڻ سان گڏ هن تعليم جي واڌاري لاءِ به لاڳاپي خدمتون سرانجام ڏنيون هن پنهنجي پاءُ منارام ۽ دوست جيٺمل سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ ڊي جي سائنس ڪاليج جو بنياد رکيو ۽ حيدرآباد ۾ نيشنل ڪاليج جو بنياد وڌو حيدرآباد نيشنل ڪاليج کي بعد ۾ ڏيارام ڳنومل (ڊي جي) سنڌ نيشنل ڪاليج نالو ڏنو ويو. اڄڪلهه انهيءَ کي "گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي" سڏيو وڃي ٿو ڪراچيءَ جي منارام هاسٽل جي قيام ۾ به هن ۽ سنڌس پاءُ منارام جون ڪاوشون شامل هيون. هن حيدرآباد ۾ ٻيائين جا اسڪول ڪراچيءَ ۾ سينٽرل لائبريري، گشتي هوميوپيٿڪ اسپتال، ٽرمپور ۾ ٽي بي سينيٽوريم امرستر ۾ شانتي آشرم ۽ گڏيل هندستان جي مختلف علائقن ۾ يتيم خانا کوليا. هن غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏيڻ لاءِ هڪ ٽرسٽ قائم ڪئي هن پنهنجي هم خيال دوستن مان ملي حيدرآباد ۾ "سنڌ سڀا" جو بنياد رکيو ۽ انهيءَ سڀا پاران انگريزي اخبار "سنڌ ٽائمس" جاري ڪئي انهيءَ اخبار جو پهريون ايڊيٽر سادو هيرانند هو ڏيارام سنڌي، فارسي عربي سنسڪرت ۽ گرمکي ٻولين جو وڏو ڄاڻو ۽ هڪ مهان ليکڪ به هو هڪ اندازي موجب سنڌس لکيل ڪتابن جو تعداد 70 جي لڳ ڀڳ آهي هيءَ مهان انسان 7 ڊسمبر 1927ع تي هن فاني جڳ کان موڪلائي لافاني دنيا طرف روانو ٿي ويو.

سر آدمجي حاجي دائود



هن انسان دوست ۽ ڪاروباري شخصيت جو جنم 30 جون 1880ع تي هندستان جي گجرات رياست جي شهر جيتپور ۾ ٿيو هو گجراتي ميمڻ جي هڪ شاهوڪار خاندان جو چشم چراغ هو هن چانورن سٽي ۽ ملجيس جي واپار سان پنهنجي ڪاروبار جي شروعات ڪئي 1922ع ڌاري هن رنگون ۾ ملجيسن ناهڻ جو ڪارخانو لڳايو 1927ع ڌاري هن ڪلڪتي ۾ سٽيءَ جي مل قائم ڪئي هيءَ گڏيل هندستان جو پهريون مسلمان هو جنهن اهي صنعتون لڳايون انهن ڪارخانن قائم ٿيڻ سان هندستان ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ هٽيءَ جي پڄاڻي ٿي هنن ٻنهي ڪارخانن کي ملائي هن 'آدمجي گروپ' جو نالو ڏنو اڳتي هلي هن ۽ هن جي پٽ جي محنت سان اولهه ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ڪيترن ئي نيون ڪمپنيون آدمجي گروپ جو حصو ٿيون جن ۾ آدمجي انجنيئرنگ لميٽيڊ، آدمجي پوليمرس لميٽيڊ ۽ ٻيون ڪمپنيون شامل هيون ڪاروبار سان گڏ هو خيراتي ۽ عام ڀلي جي ڪمن ۾ هميشه اڳڀرو رهيو هن تعليم جي واڌاري لاءِ لافاني خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ ڪيترن ئي تعليمي ادارن جي مالي مدد ڪئي هن پاڻ پنهنجي خرچ سان به تعليمي ادارا قائم ڪيا هو قائداعظم جو سچو ساٿي هو قائداعظم آزاديءَ جي جدوجهد دوران ڪيس پنهنجو صلاحڪار بڻايو هو هن ڪراچيءَ ۾ مسلم ڪمرشل بينڪ لميٽيڊ جو بنياد رکيو ۽ اورينٽ ايئرويز لميٽيڊ جي نالي سان هڪ هوائي ڪمپني قائم ڪئي جنهن اڳتي هلي پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين (پي آءِ اي) جو روپ ڌاريو هن 27 جنوري 1948ع تي وفات ڪئي

مرزا محمد نواز بيگ

هن مشهور اديب، هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر ۽ ايماندار آفيسر جو جنم 30 جون 1908ع تي ٺٽي ٺوڙهي ۾ ٿيو ابتدائي تعليم شڪارپور، سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۽ حيدرآباد مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين ان کان علاوه هن 1940ع ۾ هوميوپيٿڪ جو امتحان هوميوپيٿڪ ڪاليج مان پاس ڪيو اڳتي هلي 1942ع ۾ ٺٽي محمد خان مان 'طبيب مستند' جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ بعد خوراڪ کاتي تعليم کاتي ٻيلي کاتي سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ ۽ روينيو کاتي ۾ نهايت ئي ايمانداريءَ ۽ جانفشانيءَ سان پنهنجا فرض سرانجام ڏنائين مرزا محمد نواز بيگ انگريزي، سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي عبور رکندو هو ۽ علمي توڙي ادبي ڪاوشن ۾ هميشه اڳڀرو رهندو هو هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا هن ناميارو انسان 16 ڊسمبر 1971ع تي ٺٽي ٺوڙهي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي

محرم پٽي


هن مشهور صحافيءَ ۽ ليکڪ جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1936ع ۾ ضلعي نوشهري فيروز جي ڳوٺ سوني خان پٽيءَ ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ 1960ع ڌاري لکڻ شروع ڪيائين هو "روزاني عبرت"، "انڊس ٽائيمس" ۽ ٻين اخبارن سان لاڳاپيل رهيو سنڌس لکيل مضمون، رپورٽون، فيچر ۽ ڪالم مختلف اخبارن جي ورقن جي زينت بڻيا هن 4 سيپٽمبر 1987ع ۾ نواب شاهه ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو هو نوابشاهه پريس ڪلب جي باني ميمبرن مان هڪ هو سنڌس صحافتي خدمتن کي مڃتا ڏيندي نواب شاهه جي پريس ڪلب هال کي محرم علي پٽيءَ نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي



مختيار اٽو

شوڪت سنڌي

اڄ مشهور اديب ۽ سياسي ۽ سماجي ڪارڪن شوڪت سنڌيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو پورو نالو شوڪت علي ولد محب علي قريشي هو ۽ سنڌس جنم 3 جنوري 1939ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ اميناڻين ۾ ٿيو هن بي اي تائين تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي اڳتي هلي ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون به حاصل ڪيائين هو سنڌي ادبي سنگت شاخ دادوءَ جو باني ميمبر هو ۽ انهيءَ شاخ جو سيڪريٽري پڻ رهيو هن دادوءَ ۾ هڪ مشاعرو به منعقد ڪرايو جنهن ۾ شيخ اياز ۽ تنوير عباسيءَ سميت سنڌ جا ناليوارا شاعر ۽ اديب شريڪ ٿيا هن دادوءَ ۾ هم خيال دوستن سان گڏجي "اداره سماجي بهبود" جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ اداري پاران هڪ لائبريري قائم ڪئي 1968ع ۾ ميونسپل ڪميٽيءَ جو ميمبر بڻجي دادو شهر ۾ عام ڀلي جا ڪيترائي ڪم ڪرايائين 1960ع ۾ سنڌ عوامي محاذ جو ڪنوينر رهيو ان بعد سنڌ متحده محاذ دادوءَ جو ڪنوينر ۽ مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر رهيو نيشنل عوامي پارٽي دادوءَ جو جنرل سيڪريٽري ۽ جيئي سنڌ محاذ جو ڪنوينر پڻ رهيو هن ون يونٽ خلاف تحريڪ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ووٽر لسٽون ناهڻ واري هلچل ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ واري جدوجهد ۽ ٻين سنڌ جي مفادن سان لاڳاپيل تحريڪن ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو سياسي جدوجهد دوران جيل جون سعوبتون به برداشت ڪيائين هن 30 جون 2002ع تي وفات ڪئي سنڌس زندگيءَ ۽ جدوجهد تي هڪ ڪتاب "شوڪت سنڌي: سنڌ جي تاريخ جو اڻوسرندڙ باب" پروفيسر اعجاز قريشيءَ 2005ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي



نماڻو سنڌي

هن خوبصورت شاعر جو جنم 30 جون 1955ع تي موري تعلقي جي ڳوٺ ديهه ٻورڙيءَ ۾ ٿيو. سنڌس اصل نالو علي حسن ولد محمد اسماعيل ڪوسو هو هن 20-22 سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سنڌس شاعريءَ ۾ غزل، وايون، گيت، بيت، نظم، پنج ڪڙا، ٽيڙو ۽ نثري نظم شامل آهن هن 17 اپريل 2003ع تي وفات ڪئي تاج جوئي هن سرموڙ شاعر جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي هڪ ڪتاب مرتب ڪيو آهي، جنهن جو نالو "سپنن جا پنڇي اڏامي ويا" آهي




جمال ابڙو



اڄ مشهور قانوندان ۽ ناميارو اديب جمال ابڙي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 2 مئي 1924ع تي ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ سانگيءَ ۾ علامه علي خان ابڙي جي گهر ڄائو. ابتدائي تعليم منگواڻي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين ان بعد ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ پڙهيو وڌيڪ تعليم بهاءُ الدين ڪاليج جهوناڳڙهه ۽ ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين اڳتي هلي قانون جي سند به حاصل ڪيائين هن خاڪسار تحريڪ ۽ سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ هڪ ڪارڪن طور حصو ورتو 1948ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين 1949ع ۾ شهدادڪوٽ ۾ پوليس پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو 1952ع ۾ سول جج جو عهدو ماڻيائين ۽ ترقي ڪري سيشن جج ٿيو بعد ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري، ليبر ڪورٽ جو جج، فيڊرل سروسز ٽريبيونل جو ميمبر ۽ اينٽي ڪرپشن جو چيئرمين بڻجي خدمتون سرانجام ڏنائين. هو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار به هو. سنڌس پهرين ڪهاڻي "هو حر هو" 1949ع ۾ شايع ٿي. سنڌس ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" ادبي دنيا جو هڪ اهم سرمايو آهي سنڌس آتم ڪٿا جا پنج جلد "ڏسي ڏوهه اکين سين"، "اونهي ڳالهه اسرار جي"، "ٿوهر ۾ ڳاڙها گل"، "ايندو نه وري هي وڻجارو" ۽ "مر پيا ميٺهن وسن" ڇپجي چڪا آهن. هن 30 جون 2004ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

غلام رسول ڪلهوڙو



اڄ مشهور ليکڪ غلام رسول ڪلهوڙي جي وفات جو ڏينهن آهي هو ادبي دنيا ۾ هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار ۽ شاعر طور پنهنجون پيرون چٽي ويو. گڏوگڏ هو هڪ سٺو مزاح نگار پڻ هو. هن جو جنم 3 جنوري 1941ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ جهلي ڪلواڻي ۾ محمد صادق ڪلهوڙي جي گهر ۾ ٿيو هن ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ اسڪاٽلينڊ جي شهر ايڊنبرا مان اسپيشل ايجوڪيشن ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو هن اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي حياتيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ اسپيشل ايجوڪيشن سکر جي اسڪول مان پرنسپال طور رٽائر ٿيو عمر جو گهڻو حصو جيڪب آباد ۾ گذاريائين ۽ اتي ئي 30 جون 2013ع ۾ وفات ڪيائين هن ننڍي عمر ۾ ئي لکڻ جي ابتدا ڪئي ۽ هن جون تخليقون سنڌ جي مختلف اخبارن رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون. سنڌس لکيل ڪتابن ۾ "ويريون ۽ لهرون"، "سنڌي ڪهاڻيون"، "زندگي هڪ مرڪ" ۽ "آئينو ۽ تصوير" شامل آهن

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب شاهد احمد اعوان)
سڪسيشن درخواست نمبر 22 سال 2026

(1) مسمات بيبي صغران بيواهه سيد اسلم شاهه ڪاظمي (2)Tatheer (3) عاطف اسلم ڪاظمي (4) آصف اسلم ڪاظمي (5) تنوير ڪاظم ڪاظمي سيريل نمبر 2 کان 5 سب پٽ ڌيئرون سيد اسلم شاهه ڪاظمي سب مائنر معرفت اپليڪينٽ نمبر1 رهندڙ رئيس واهه موري تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. اپليڪينٽ .بخلاف (1) ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر آفيسر ڄامشورو (2) مختيارڪار روينيو ڪوٽڙي (3) انچارج/ مينيجر نادرا ڪوٽڙي (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن ۾ سروس بينيفٽ فنانسل اسٽنٽ ۽ گروپ انشورنس جيڪي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ڏانهن آهن نالي فوتي محمد اسلم شاهه ڪاظمي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 02-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II ڄامشورو
ايف سي سوٽ نمبر 18 سال 2026

(1) مسز مريم بيواهه مرحوم غلام محمد لاکو (2) مسز تنوير خاتون زال رسول بخش (3) مس زينت (4) مس نسرين (5) سرفراز (6) سعيد احمد (7) صدام حسين سيريل 2 کان 7سب پٽ ڌيئرون مرحوم غلام محمد لاکو معرفت اسپيشل پاور اٽارني سعيد احمد لاکو رهندڙ گهر نمبر 2 بلاڪ B09 مهراڻ يونيورسٽي ايمپلائيز ...

نالي جي درستي

جيئن ته منهنجي ب فارم ۾ منهنجو نالو غلطي سان ڪامران عثمان لکجي ويو آهي جڏهن ته منهنجي تعليمي رڪارڊ ۾ منهنجو نالو ڪامران عرف محمد عثمان آهي جڏهن ته هاڻي منهنجي ب فارم کي درست ڪري منهنجو نالو تعليمي رڪارڊ موجب ڪامران عرف محمد عثمان لکيو ۽ پڙهيو وڃي. منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

ڪامران عرف محمد عثمان ولد ڳوٺ محمد رمضان انڙ تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجي پٽ نالي احمد خان ولد جمع خان بروهي سان لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿو جيڪو غلط صحبت ۾ اچي ويو آهي ۽ نافرمان ٿي ويو آهي اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڦڏو فساد ڪندو ته ان جو ذميوار هو پاڻ رهندو

جمع خان بروهي ولد امان الله بروهي رهندڙ ڳوٺ امان الله بروهي ڪچالي تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهجو وڏو پٽ فيض علي جوڻيجو ۽ سندس زال غلط مائٽن جي صحبت ۾ اچي نافرمان ٿي ويا آهن ۽ منهنجي چوڻ ۾ نه آهن مون کي ۽ منهنجي ٻين پٽن ڌيئرن کي موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا جنهن ڪري مان پنهنجي هوش حواس صالم دماغ سان کين اڄ کانپوءِ لاتعلق ڪيان ٿو اگر هي ڪو ڦڏو فساد ڏيتي ليتي يا قرض وغيره ڪندا ته ان جا هو خود ذميوار رهندا اگر ڪو ڪيس وغيره ڪن ته ان کي ڪوڙو سمجهو وڃي مان هنن کي پنهنجي موروثي ملڪيت مان بيدخل ڪيان ٿو اڄ کانپوءِ هنن سان منهنجي ٻين پٽن ڌيئرن جو ڪو به ...

ممتاز منگي صدر انڊسٽريل ايريا سيوهڻ منظور احمد سومرو کي ايم اي انجنيئر بشير جتوئي ۽ طارق باجاري، ڊائريڪٽر سيسمس ڊاڪٽر معين الدين صديقي، صادق ڪبر شرڪت ڪئي تقريب ۾ سيوهڻ جي اسٽيڪ هولڊر صنعتڪارن ۽ حيسڪو عملدارن پاران سيوهڻ جي فيڊر 6 تان لوڊشيڊنگ فري ڦيڊ واري ايم او يو تي صحيحون پڻ ڪيون ويون ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري چيو ته اسان وچن ڪيو هو ته حيسڪو ريجن ۾ ايندڙ مقدس ...

ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ايندا ته ڪيس داخل ڪندس

بقايا	28	”روزاني عبرت“

راڻيپور ۾ قومي شاهراهه تي قائم پاڪ ميڊيڪل اسٽور کي بجلي جي سرڪٽ مان اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب دڪان مڪمل طور سڙي رک ٿي ويو ڪروڙين رپين جو نقصان شهرين پاڪ ميڊيڪل اسٽور جي مالڪ نويد شيخ کي باهه لڳڻ جو اطلاع ڏنو ويو شهرين سماجي اڳواڻن پهچي پنهنجي مدد پاڻ ...

هٿيار رکڻ جا ڪيس داخل ڪري فرار ٿي ويل جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپا هڻي رهي آهي

بقايا	35	”روزاني عبرت“

ملوث عنصرن خلاف ڪامياب ڪارروايون ڪيون ٽائون اي سيڪشن پوليس پنهنجي حدن جي مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪندي آڪڙا پرچي ۽ گٽڪو/ماوا سميت 2 جوابدار گرفتار ڪري ورتا. ايس ايچ او اي سيڪشن ڳجهي اطلاع تي جوا اڏي تي ڇاپو هڻيو جي جوابدار ضامن علي خروس ...

تان فوري طور قبضو ختم ڪرائي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا	42	”روزاني عبرت“

تاجران جو صدر مير احمد علي بروهي ۽ حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ويا، پوليس پاران واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ گهر ڀاتين ٻڌايو ته اسين گڏريل ڪڇهه ڏينهن کان ٻئي گهر ترسيل هئاسين ۽ 3 ڏينهن کان پنهنجي گهر آيا آهيون اڄ سونا زيورن جي سنبار لڏي ته سونا زيور ۽ روڪ رقم چوري ٿيل ...

...

مبادا آهن هنن سنڌ حڪومت ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سنڌن گهر ...

بقايا	41	”روزاني عبرت“

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني

HESCO

ضميمون نمبر 02

RFB No:	PK-HESCO-NEW (GIS) RIVERBUND GS & NEW T/LINE-NCB/06
Description	Design, Supply, Installation, Testing and Commissioning of New 132 kV GIS (Gas-Insulated Substation) grid station with One (01) 40 MVA power transformers, along with the associated 132 kV feeding transmission line at River Bund

هي ضميمون 29-06-2026 تي مٿي ڄاڻايل ٽينڊر جي لاءِ جاري ڪيل درخواستون برائي واڪ Request for Bids(RFB) ۾ ترميم جي مقصد لاءِ جاري ڪيو پيو وڃي هي ضميمون واڪ دستاويزن (Bidding Documents) لاءِ لازمي ۽ ناقابل تنسيخ حصو تصور ڪيو ويندو ۽ واڪ ڏيندڙ لاءِ ان تي عمل درآمد لازمي هوندو

RFB Ref	Previous Clause/Item	Revised Clause/Item
Section II – Bid Data Sheet (BDS) ITB 19.1	The Bid shall be valid until: **120 days Dated 28-10-2026**	The Bid shall be valid until: **120 days Dated 04-11-2026**
Section II – Bid Data Sheet (BDS) ITB 23.1	For **Bid submission purposes** only, the Employer's address is : Attention: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Address: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Office, Bungalow # A-1 HESCO Power Colony Hussainabad, P. City: Hyderabad Country: Pakistan Telephone: +92-22-9260070 **The deadline for Bid submission is:** Date: **30.06.2026** Time: **11:00 a.m.** Bidders ***shall not*** have the option of submitting their Bids electronically.	For **Bid submission purposes** only, the Employer's address is : Attention: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Address: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Office, Bungalow # A-1 HESCO Power Colony Hussainabad, P. City: Hyderabad Country: Pakistan Telephone: +92-22-9260070 **The deadline for Bid submission is:** Date: **07.07.2026** Time: **12:00 p.m.** Bidders ***shall not*** have the option of submitting their Bids electronically.
Section II – Bid Data Sheet (BDS) ITB 26.1	The Bid opening shall take place at: Hyderabad Electric Supply Company (HESCO) Address: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Office, Bungalow # A-1 HESCO Power Colony Hussainabad, Hyderabad. City: Hyderabad Country: Pakistan Telephone: +92-22-9260070 Date **30.06.2026** Time: **11:00 a.m.**	The Bid opening shall take place at: Hyderabad Electric Supply Company (HESCO) Address: Chief Engineer (Development) PMU HESCO Office, Bungalow # A-1 HESCO Power Colony Hussainabad, Hyderabad. City: Hyderabad Country: Pakistan Telephone: +92-22-9260070 Date **07.07.2026** Time: **12:00 p.m.**
Section II – Bid Data Sheet (BDS) ITB 20.3(d)	The text in ITB 20.3(a, b & c) is replaced as follows; a. An unconditional guarantee issued by a Bank whereas guarantee from non-banking financial institution such as insurance, bonding or Surety Company is not acceptable. If an unconditional guarantee is issued by a bank located outside the Employer's Country, the issuing bank shall have a correspondent bank located in the Employer's Country to make it enforceable. b. Deleted c. Deleted	The text in ITB 20.3(a, b & c) is replaced as follows; a. An unconditional guarantee issued by a Bank whereas guarantee from non-banking financial institution such as insurance, bonding or Surety Company is not acceptable. If an unconditional guarantee is issued by a bank located outside the Employer's Country, the issuing bank shall have a correspondent bank located in the Employer's Country to make it enforceable. b. Deleted c. a cashier's or certified check

نوٽ معياري پروڪيورمينٽ دستاويزات (Standard Procurement Documents) ۽ مخصوص پروڪيورمينٽ نوٽس (Specific Procurement Notice) جا ٻيا تمام شرط ۽ ضابط ساڳيا رهندا

PID(H) 452/2025

چيف انجنيئر (ڊولپمينٽ) پراجيڪٽ مينجمينٽ يونٽ (PMU) حيسڪو حيدرآباد

مانجهند ويجهو ڪارنهن الزام هيٺ ڳورهاري عورت قتل لاش ڪيترائي ڪلاڪ پيل رهيو

انڙپور جي ڪچي ۾ 25 ورهين جي ڳورهاري عورت خوشبو ماڇي کي پسٽل جا فائر ڪري بيدردي سان قتل ڪيو ويو

عورت جي پيٽ ۾ موجود 8 مهينن جو ٻار به فوت، اطلاع باوجود پوليس ڪيترائي ڪلاڪ دير سان پهتي

ڌيءُ کي سندس چاچي عجيب ماڇي ۽ سئوٽ پاڻي ماڇي گولين هڻي قتل ڪيو آهي: مقتولا جي امڙ

مانجهند (ن ع) مانجهند ويجهو ٻڌاپور ٿاڻي جي حد انڙپور جي ڪچي واري علائقي ۾ جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ 25 ورهين جي ڳورهاري عورت خوشبو ماڇي کي پسٽل جا فائر ڪري بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته عورت جي پيٽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



جيڪب آباد: احسان مستوئي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

روهڙي ويجهو مبينا اغوا بعد رڪرو ٿيل ناري وارثن وٽ پهچي رئي، احتجاج

وڃهه وٺي اڏان نڪري آئي آهيان ٿاڻي تي انصاف لاءِ در ڪڙڪايو پر پوليس داد رسي نه ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي جي علائقي پٽني ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪندو ٻوراهو نيو آبادي جي رهواسڻ نوجوان ناري مسمات رابيل ڌيءُ عبدالرشيد پنهنجي امڙ سبحان خاتون ۽ ڀاءُ اربيلو شيخ سان گڏ احتجاج ڪندي صحافين آڏو ڏانهيو آهي ته هو هو جهڏو شهر پرسان زمين تي ڪم ڪار ڪندا هئا جتان ڪيس جوابدارن غلام علي عرف شمن شيخ ، احمد علي شيخ جن اڪرم رياستي جي سرپرستي ۾ اغوا ڪري پاڻ وٽ قيد ڪيو جنهن بعد ناري جي وارثن جي دٻاءُ بعد ناري کي سولنگي برادري اياز سولنگي ، ممتاز سولنگي ، اعجاز سولنگي وارث خرم لغاري جي سهولتڪاري ۾ وکرو ڪري ساڻس زبردستي نڪاح مڃان نڪاح ڪرايو جيڪو شرعي ۽ قانوني ڏوهه آهي ناري ٻڌايو ته هوءَ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت پاران قتل ڪيس ۾ ملوث 3 جوابدارن کي ڦاهي ۽ 3 کي عمر قيد جي سزا

خيرپور(د) خيرپور جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت جو وڏو فيصلو قتل ڪيس ۾ ملوث 3 جوابدارن کي ڦاهي ۽ 3 کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت 6 جوابدارن مان 3 ڄڻن کي ڦاهي ۽ 3 ڄڻن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي 12سال اڳ هنگورجا ٿاڻي جي حد ۾ ... بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو محمد خان: فوت ٿيل شخص جي طرف وارث اڳواڻ طفصيل ٻڌائيندي

خيرپور ۽ پرياسي ۾ گيسٽرو تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو، وڌيڪ 150 ماڻهو اسپتال منتقل

مختلف علائقن مان شبانا، سليم، شهباز، محمد شريف، محمد بچل ، شاهه بخش ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

سول ۽ ٻين اسپتالن ۾ علاج جون سهولتون نه هئڻ ڪري وارث پريشان، اعليٰ عملدارن کان نوٽيس جو مطالبو

خيرپور(د) خيرپور ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ گيسٽرو تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو وڌيڪ 150 کان وڌيڪ ماڻهو اسپتال منتقل سهولتن جي کوٽ تفصيل موجب خيرپور ۽ ان جي آس پاس جي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پيپلز پارٽي دادو ضلعي ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن: پير مظهرالحق

اريگيشن آفيس، سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس جو تعميراتي ڪم جاري آهي

دادو(رپورٽ: ولي محمد لنڊ) پيپلزپارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻو سينئر صوبائي وزير تعليم پيرمظهرالحق سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس دادو جي تعمير ٿيندڙ عمارتن جو معائنو ڪرڻ کان پوءِ اريگيشن آفيس دادو پهچي نئين مقرر ٿيل سپرنٽينڊنٽ انجنيئر فلڊ اينڊ ڊرينيج سرڪل دادو عباس علي پنهور کي مقرري تي لونگي جو تحفو پيش ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي دادو ضلع اندر رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا جڏهن جاري ترقياتي اسڪيمن تي ڪم جاري آهي هن چيو ته عباس علي پنهور دادو واسي آهي هن جي مقرري سان ڊرينيج جو مسئلو ۽ جبلن کان ايندڙ برساتي پاڻي جي نيڪال جنهن ۾ ايف پي بند ۽ ايم ايز وي بندن جي حوالي سان بهتر ڪم ڪندو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون آهن: اياز لطيف

عالمي ۽ علائقائي سامراجي طاقتون پاڪستان کي مستحڪم ڏسڻ نٿيون چاهين

افغانين سميت سمورا غيرقانوني پرڏيهي ملڪ جي امن ۽ سلامتي لاءِ وڏو خطرو آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون آهن ملڪ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي پويان ٻاهرين قوتن جو هٿ آهي عالمي ۽ علائقائي سامراجي طاقتون پاڪستان کي مستحڪم ڏسڻ نٿيون چاهين دهشتگردي ۾ پرڏيهي هٿ ملوث آهن ۽ ڪجهه غيرقانوني مهاجر دهشتگردي جي واقعن ۾ استعمال ٿي رهيا آهن اياز لطيف پليجي چيو ته افغان اسان جا ڀائر ۽ پاڙيسري آهن اسان انهن کي پيار ۽ عزت ڏيون ٿا پر غيرقانوني افغانين سميت سمورا غيرقانوني پرڏيهي ملڪ جي امن ۽ سلامتي لاءِ وڏو خطرو آهن ۽ انهن کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ سخت آپريشن ڪيو وڃي نادرا جي ڪرپٽ عملدارن ۽ ضلعي ۽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: واسا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي موٽرسائيڪل سوار نوجوان زخمي حالت ۾ هٿ اچڻ بعد اسپتال ۾ فوت

اوڻا چوڪ واڄهر دوائن جي ڪمپني جو ملازم پرويز ڳاڏهي زخمي بيهوشي واري حالت ۾ هٿ آيو

پوليس پهچي ڪيس ڪٽائي اسپتال پهچايو جتي هو فوت ٿي ويو، وارثن پاران جاچ جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر پرسان بقاپور ٿاڻي جي حد اوڻا چوڪ واري علائقي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان جو زخمي حالت ۾ هٿ اچڻ تي پوليس پهچي زخمي نوجوان کي ڪٽائي علاج لاءِ ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو جتي نوجوان زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جنهن جي سڃاڻپ الهه آباد پاڙي جي رهواسي 32 ورهين جي خانگي دوائن جي ڪمپني جي ملازم پرويز ڳاڏهي طور ٿي ان موقعي تي نوجوان جي ڀاءُ رياض ڳاڏهي ٻڌايو ته منهنجو ڀاءُ پرويز ڳاڏهي خانگي دوائن جي ڪمپني جو ملازم هو جيڪو دوائن جي سلسلي ۾ ڊوڪري ويو جتان واپسي تي اوڻا چوڪ واري علائقي مان پوليس کيس بيهوشي واري حالت ۾ هٿ ڪري ٽراما سينٽر آندو جتي هو فوت ٿي ويو آهي هن بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڊي ايڇ او آفيس جي ملازمن جو ضلعي آفيسر خلاف مظاهرو قلم ڇڏ هڙتال

اپڪا يونٽ پاران ملازمن ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شوڪت ابڙو جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪيو

نئين ملازمن جا ٽائيم اسڪيل سميت ٻيا سمورا جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن: مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ اپڪا يونٽ، ڊي ايڇ او آفيس جي ملازمن پاران ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت ابڙو جي مبينا زيادتين خلاف قلم ڇڏ هڙتال ڪري احتجاج مظاهرو ڪيو ويو جتي ملازمن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي آفيس جي احاطي ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي ۽ سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اپڪا يونٽ جي صدر نصرالله جاڳيراڻي، جنرل سيڪريٽري لياقت علي ڪلهوڙو، وائيس چيئرمين ممتاز چنا، سينيئر نائب صدر عبدالمجيد شيخ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري زاهد حسين پنهور ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته ڊاڪٽر شوڪت ابڙو کي ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو جو چارج سنڀالي به سال گذري چڪا آهن پر ان عرصي دوران ملازمن جي پروموشن ۽ ٻين بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضو ڪندڙن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ڏاتر ڏنو واسين زينب، شڪيلا خاصخيلي، خان محمد ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثر زمين تي قبضو ڪري چڪا آهن، پوليس داد فرياد نٿي ٻڌي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خيرپور(د) خيرپور ڳوٺ لالو پرسان ڳوٺ ڏاتر ڏنو جي رهواسين زينب خاصخيلي، شڪيلا خاصخيلي خان محمد، عبدالوقار ۽ شهباز خاصخيلي عوامي پريس ڪلب خيرپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندن ڪاٺي واري هڪ ايڪڙ 32 ويسن زمين تي بااثرن مبينا طور قبضو ڪري ڇڏيو آهي متاثرن جو چوڻ هو ته هو پنهنجي قانوني ملڪيت تي رهي رهڻ چاهين ٿا، پر مبينا قابض ڪين اهين ڪرڻ کان روڪي رهيا آهن هنن چيو ته جوابدار ڪين قتل ڪرائڻ جون ڌمڪيون به ڏئي رهيا آهن هنن وڌيڪ ٻڌايو ته هو ڪوٽ لالو ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائڻ ويا، پر پوليس سندن ڏانهن ٻڌڻ بدران ڪين دڙڪا ڏئي واپس موٽائي ڇڏيو بعد ۾ هو ايس ايس پي آفيس خيرپور پهتا، جتي پڻ هنن بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ زخمي ڪيل نوجوان واقعي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا، متاثرن جو احتجاج

سڱاوتي معاملي تان زخمي عرفان ميراڻي جي وارثن انصاف لاءِ احتجاج ڪيو

ڪيس داخل هجڻ جي باوجود پوليس جوابدار گرفتار نٿي ڪري، ڌمڪيون ملي رهيون آهن

گهوٽڪي(ن ع) سوا مهينو اڳ گهوٽڪي ۾ سڱاوتي معاملي تان گولين هڻي زخمي ڪيل نوجوان عرفان ميراڻي واري واقعي جا جوابدار گهوٽڪي پوليس سوا مهينو گذرڻ جي باوجود گرفتار ناهي ڪري سگهي ان سلسلي ۾ متاثرن زخمي نوجوان عرفان علي ميراڻي، منظور احمد ميراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته جوابدار محمد علي ميراڻي سليم ميراڻي امداد، ياسين دين محمد، رياض ۽ ٻين حملو ڪري عرفان ميراڻي کي گولين هڻي مرنيگ ڪيو جنهن سبب نوجوان جي حالت مسلسل خراب آهي جوابدار ڪچي طرف منتقل ٿيڻ بعد وڌيڪ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن آهن هنن شڪو ظاهر ڪندي چيو آهي ته جوابدارن کي پوليس گرفتار نه ڪيو ته هو اسانکي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5



ڪراچي: وفاقي محتسب نويد ڪامران بلوچ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سيوهڻ جي صنعتي علائقي کي بجلي جي لوڊشيڊنگ کان آجو قرار ڏيڻ جو معاهدو

حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري جي اڳواڻي ۾ تقريب دوران ايم او يو تي صحيحون ڪيون ويون

معاهدي ڪاڻ فيڊر سان لاڳاپيل ڪاروباري ماڻهن سميت ڪاٽي ڏرين کي فائدو رسندو: اڳواڻ

سيوهڻ(ن ع)حيسڪو پاران لوڊشيڊنگ فري ڪرڻ وارو روشنين جو سفر قلندر جي نگري سيوهڻ پهچي ويو آهي ۽ حيسڪو جي چيف فيض الله ڏاهري سيوهڻ جي صنعتي علائقي واري اهم فيڊر 11 ڪي وي سٽي 6 فيڊر کي به لوڊشيڊنگ کان آزاد قرار ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان فيڊر 6 کي لوڊشيڊنگ فري قرار ڏيڻ بابت سيوهڻ جي شهباز ٻنڪنڪٽ هال ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري، ڊپٽي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سکر واسين جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي رينجرز واٽر ورڪ بندر روڊ علائقي جي رهواسي ميراڻي برادري سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن علائقي جي بااثر عباسي برادري جي مبينا زيادتين ۽ ناانصافين خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاج ڪيو ان موقعي جي مسمات بختاور ۽ مسمات بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

مانجهند ۾ سڪرنڊ واسي ڳوٺاڻي جو گهر تي حملي ۽ ڌمڪيون ملڻ خلاف احتجاج

مانجهند (ن ع) مانجهند پريس ڪلب ۾ ماڙي جلباڻي سڪرنڊ پرسان ڳوٺ جي رهواسي گهر تي مبينا حملي فائرنگ موتمار ڌمڪيون ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ جي خوف ۾ مانجهند پهچي سخت احتجاج ڪيو سڪرنڊ جي ڳوٺ بلوچ استاپ نڪر جي رهواسي فاروق چاڪراڻي ڪوسو پنهنجي سئوٽ سان گڏ ميڊيا کي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ڳوٺاڻي جو زال سان گڏجي ممتا پروگرام عملي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

بدين (د ر) بدين ويجهو سيراڻي شهر پرسان ڳوٺ شفيع محمد شاهه جا رهواسي محمد سومار ملاح ۽ سندس گهرواري مسمات حرمت ملاح بدين پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي هنن صحافين آڏو ڏانهيندي الزام هنيو ته هو غريب ۽ پورهيت ماڻهو آهن سندن چوڻ موجب، مسمات حرمت ملاح جي محرم الحرام جي پهرين بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

دولتپور صفن ۾ جوابدارن پيٽري کي ڏنڊا هڻي مرڻينگ ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

دولت پور صفن(ن ع) دولتپور جي صفن محلي ۾ الفتح پوري جامع مسجد واري گلي ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو نوجوان کي پنهنجي سالي رپورٽ ڪري وڌو زخمي حالت ۾ اسپتال داخل خبر موجب حملي جي آزادي سان لڪل اڦوم عباسي پنهنجي پيٽري جبران عباسي تي اوچتو حملو ڪري ڏنو جبران عباسي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪمشنر سکر سول اسپتال جو دورو ڪري جاري ترقياتي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو

سکر(بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي سول اسپتال سکر جو دورو ڪري اسپتال ۾ جاري ترقياتي منصوبن، خاص طور تي سولر پاور پلانٽ جي انسٽاليشن ۽ تعمير هيٺ ٽراما سينٽر جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران ڪمشنر سکر سولر پلانٽ جي انسٽاليشن جو معائنو ڪندي لاڳاپيل عملدارن کي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ اسپتال جي پارڪ مان 60 سالن جي شخص جو لاش هٿ آيو، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي پوليس کي بلاول ميڊيڪل اسپتال جي اڳيان پارڪ مان 60 سالا شخص جو لاش هٿ آيو آهي جنهن جي سڃاڻپ نه ٿيڻ سبب لاش ايڌي حوالي ڪيو ويو آهي



ڪوٽ غلام محمد: ڳوٺاڻيون عورتون مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

هالا ۾ ڳوٺاڻي پيرسن جو پنهنجي پاڙن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

هالا (ن ع) هالا ويجهو ڳوٺ پوٽو ڳاهوٽي جي رهواسي پيرسن دوست علي ڳاهوٽي هالا پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو پنهنجي پاڙن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته ديهه تاراهم ۽ ديري ۾ اباڻي 41 ايڪڙ زرعي زمين آهي جنهن تي پاڙ قابض ٿيل آهن هن چيو ته منهنجي حصي ۾ ايندڙ چار ايڪڙ ڪ گهٽا زرعي زمين بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ ٽنڊوالهيار جي رهواسڻ ناري جو مڙس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

هالا (ن ع) هالا ۾ مڙس جي مبينا زيادتين خلاف ٽنڊوالهيار جي پٺاڻ ڪالوني جي رهواسڻ جو احتجاج مسمات صبا آرائين پريس ڪلب تي احتجاج ڪندي چيو ته هڪ سال اڳ ذيشان مگريو دوکي سان شادي ڪئي هئي شادي جي هڪ مهيني بعد مڙس تشدد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هاڻ مون کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو آهي هن بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ ڇهن ٻارڙن جي ماءُ پاران ساهرن جي تشدد ۽ ڌمڪين خلاف احتجاج، تحفظ ۽ انصاف جي گهر

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي جتيا پاڙي جي رهواسڻ ڇهن ٻارڙن جي ماءُ مسمات روبينه زال شاهد شيخ پريس ڪلب پهچي ڏانهيو آهي ته ساهرا ثوري ڳالهه تان اڪثر مون کي ۽ منهنجي ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻائين ٿا 3 ڏينهن اڳ به ڏيرن بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

چوٽيارين پوليس پاران مقابلي بعد ڌوهاري کي زخمي حالت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪيرو(ن ع) ڪيرو جي پرياسي واري علائقي ۾ چوٽيارين ٿاڻي جي حد اندر سي آءِ اي پوليس ۽ مبينا منشيات فروشن وچ ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



سيوهڻ: حيسڪو چيف فيڊر لوڊشيڊنگ فري ڪرڻ جو اعلان ڪري رهيو آهي

مورو ويجهو سرڪاري وڻن جي ڪٽائي ڪندڙ گرفتار جاچ شروع

ميونسپل پاران لڳايل وڻن کي وڏي ٽرالر ۾ ڪٽائڻ جو سي ايم او نوٽيس ورتو

ملوث ڪجهه ماڻهن ۽ ٽرالر ڊرائيورن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي وئي

مورو(ن ع) مورو بائي پاس نيشنل هاءِ وي تي ميونسپل ڪاميٽي انتظاميا پاران لڳايل درس ٿاڻي جي حد اندر نامعلوم ماڻهن قيمتي وڻ وڏي ٽرالرن ۾ ڀري ٻاهر موڪلڻ جي ڪوشش واقعي جي اطلاع ملڻ تي ميونسپل ڪاميٽي سي ايم او نور محمد سمون عملي سميت پهتو جتي وڻن جي غيرقانوني ڪٽائي کي روڪرائي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو پوليس پهچي ڪارروائي ڪندي ڪٽائي ۾ ملوث ڪجهه ماڻهن ۽ ٽرالر ڊرائيورن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ڪجهه جوابدار پوليس کي ڏسي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ميونسپل ڪاميٽي انتظاميا جو چوڻ آهي ته اهي وڻ ڪين پاڻ پوکرايا هئا، جن کي غيرقانوني طور وڍيو ويو آهي انتظاميا موجب سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائيندڙن خلاف قانون موجب بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ميونسپل جي سال 2026 جي بجيٽ اڪثريت راءِ سان پاس

چيئرمين ميان عبدالقوي انڙ جي صدارت ۾ 75 ڪروڙ جي بجيٽ پاس ڪري ڇڏي

بجيٽ پاس ٿيڻ تي سمورن ميمبرن جو شڪر گذار آهيان گڏجي ڪم ڪنداسين: چيئرمين

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ميونسپل چيئرمين ميان عبدالقوي انڙ وائيس چيئرمين بابر بوزدار سال 2026 جي ساليانو بجيٽ75 ڪروڙ ٽيڪس پاس ڪري ڇڏي اڪثريت راءِ سان بجيٽ پاس ڪئي جنهن ۾ ٽي او فناس واجد گلزار شيخ بجيٽ پيش ڪئي جنهن ۾ شهر جي مڙني منصوبن بابت پئسا فنڊ رکيا ويا جنهن ۾ ڪائونسلرن سليم غني ڪلوڙ ميان عابد انڙ جمال ناصر پنهور شاهزمان انڙ فرحان ڏاريجو صوبدار گڏاڻي پرٿ لعل پڃورام علي جتوئي شهزادو مهر نويد بيگ منظور مغل شوڪت چاچڙ رفيق انڙ مراد ملڪ شرڪت ڪئي جنهن قرارداد پاس ڪئي جنهن امان شهر ۾ خراب ٽي به ڳالهيون ڪيون ميونسپل چيئرمين جو چوڻ هو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5



ڪراچي: گرين انسٽيٽيوٽ ۽ بوڪ فائونڊيشن وچ ۾ ڊاهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

نئون ڳوٺ ويجهو پورهيتن جو ٻارن سان گڏجي بااثر جي ظلم خلاف مظاهرو

ڳوٺ علي خان جسڪاڻي واسي پورهيت گلزار، نور احمد، ارشاد امير علي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثر مرتضيٰ جوڻيجو لعل جوڻيجو ۽ ٻيا معصوم ٻارن تي تشدد ڪري موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: الزام

نئون ڳوٺ (ن ع) نئون ڳوٺ پرسان ڳوٺ علي خان جسڪاڻي (ڦبولو) واسي پورهيت گلزار جسڪاڻي نور احمد جسڪاڻي ارشاد جسڪاڻي امير علي جسڪاڻي علي حسن جسڪاڻي ۽ ٻين بااثر ۽ ظلم خلاف ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن الزام لڳائيندي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان غريب مسڪين پورهيت ماڻهو آهيون ڪچي ۾ ماڻ ڪانيون ڪري وڪرو ڪري گهر جو گذرسفر ڪندا آهيون جنهن تي بااثر مرتضيٰ جوڻيجو لعل جوڻيجو پٽ شاهن جوڻيجو معشوق جوڻيجو پٽ ميرل جوڻيجو مختيار جوڻيجو محمد حسن جوڻيجو ۽ ٻيا هٿيار ڪلهي ڀيلي ڪاٽي جي زمين تي قبضو ڪري ويٺا آهن ۽ اسان جي معصوم ٻارن تي تشدد ڪري موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن گذريل ڏينهن اسان جي گڏهه ڪي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ميهڙ لڳ جوابدار پنهنجي نوجوان زال کي مبينا طور گهٽا ڏئي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ لونگ مهيسر ۾ جوابدار شاهزيب عرف ٻيبو پنهنجي زال بسمه کي قتل ڪيو

پوليس لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو، جوابدار جو چاچو گرفتار

ميهڙ(ن ع) ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ لونگ مهيسر ۾ گهرو مسئلي تان جوابدار شاهزيب عرف ٻيبو مهيسر پنهنجي نوجوان زال بسمه مهيسر کي مبينا طور گهٽا ڏئي قتل ڪري ڇڏيو مقتول عورت ٻن ٻارڙن جي ماءُ ٻڌائي وڃي ٿي اطلاع ملڻ تي اي سيڪشن ٿاڻي ۽ پوليس پوسٽ قاضي عارف جي اهلڪارن واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ذريعن موجب آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته پوليس جوابدار جي چاچي زاهد مهيسر کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ٻئي طرف مقتول جي ڀاءُ شيراز مهيسر الزام هنيو آهي ته سندس ڀيڻ کي مڙس سميت ٽن جوابدارن گڏجي قتل ڪيو آهي

ڊڪڻ ۾ هٿيارٻندن جي دڪان تي ڪاهه، لکين رپين جي ڦرلٽ

شڪارپور روڊ تي موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن نادر خروس جي دڪان تي ڪاهه ڪئي

هٿيارٻند 4 لک 80 هزار روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن انصاف ڪيو وڃي: متاثر

ڊڪڻ(ن ع) ڊڪڻ شهر ۾ لاڙڪاڻو شڪارپور انڊس هاءِ وي روڊ تي ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم هٿيارن هٿيارٻندن جي ڦرلٽ جو واپاري نادر حسين خروس جي دڪان تي ڪاهه ڪري دڪان تي ويٺل سندس پٽ انيس احمد خروس کان روڪ رقم ڦر ڪري اساني سان فرار ٿي ويا جڏهن ته اهڙو اطلاع ڊڪڻ پوليس کي ڏنو ويو آهي ان سلسلي ۾ متاثر واپاري ٻڌايو ته موٽر سائيڪل تي سوار هٿيارٻند منهنجي دڪان تي ڪاهه ڪري 4 لک 80 هزار روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا پوليس کي اطلاع ڏنو آهي



لاڙڪاڻو: عورتون پاڪ ڪتاب کڻي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيون آهن

موجوده حڪمران طبقو وسيلا ڪٺائي سياسي حڪمراني جو راڄ قائم ڪرڻ ۾ پورا آهن: زين شاهه

جمهوري عمل ۽ اليڪشن کي خريد ۽ فروخت جي جنس ڏاهي منافع بخش ڪاروبار بڻايو ويو

پ پ حڪومت جا نوازيل سنڌ پبلڪ سروس ۾ ميمبرن کان چيئرمين پنهنجن تي نوڪريون وڪڻي رهيا

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي پريس ڪلب ۾ عوامي ايڪشن ڪميٽي ٽنڊو غلام علي طرفان نوجوانن سان ڪچهري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن جو عنوان هو "مهانگي تعليم ميرٽ جي لتاڙ نوڪرين ۾ ڪرپشن ۽ بيروزگاري جو سوال". پروگرام ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سائين زين شاهه نائب صدر امير آزاد پنهور مرڪزي اڳواڻ روشن برڙو خصوصي شرڪت ڪئي عوامي ايڪشن ڪميٽي ٽنڊو غلام علي جي مرڪزي اڳواڻن ڪامريڊ عمران لال عادل مختيار ڪامريڊ عشا عمران ادريس خاصخيلي راجا آريسر ۽ عبدالجبار مگريو خطاب ڪيو پروگرام کي خطاب ڪندي اڳواڻن ملڪ ۾ مهانگي تعليم ميرٽ جي لتاڙ نوڪرين ۾ ڪرپشن ۽ بيروزگاري بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5



ڪوٽ غلام محمد: عوامي تحريڪ پاران سنڌ تي ڏاڙي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دهشتگردن خلاف جنگ ۾ قوم سيڪيورٽي ادارن سان گڏ بيٺل آهي: سيد جاويد شاهه

بهادر رينجرز اهلڪارن پنهنجي جا نذرانا پيش ڪري ملڪ کي وڏي نقصان کان بچايو

دهشتگردن جا بزدلاڻا حملا قومي عزم کي ڪمزور نه ٿا ڪري سگهن

خيرپور (د ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني ڪراچي ۾ رينجرز هيڊ ڪوارٽر تي حملي جي سخت لفظن سان مذمت ڪندي چيو آهي ته بهادر رينجرز اهلڪارن پنهنجي جا نذرانا پيش ڪري ملڪ کي وڏي نقصان کان بچايو ورتو آهي جيلاني هائوس تي سينئر صحافي شاهنواز ڪلهوڙو جي اڳواڻي ۾ مليل صحافين جي وفد سان ڳالهائيندي سيد جاويد علي شاهه جيلاني چيو ته دهشتگردن خلاف جنگ ۾ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: پيراميڊيڪل اسٽاف جي چونڊن واري لسٽ مان ڪيترن ئي ميمبرن جا نالا خارج

مدني پئنل جي اڳواڻ پاران صوبائي صدر شاهي خان جاگيراڻي مٿان سنگين الزام لڳايا ويا

ووٽر لسٽ مان خارج ڪيل 700 کان وڌيڪ ميمبرن جا نالا شامل ڪري ڪين جمهوري حق ڏنو وڃي:

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پيراميڊيڪل اسٽاف جي چونڊن ۾ مبينا طور ڪيترن ئي ميمبرن جا نالا ووٽر لسٽ مان خارج ڪرڻ واري معاملي تان هڪ ڌري صوبائي صدر شاهي خان جاگيراڻي مٿان سنگين الزام لڳائيندي مطالبو ڪيو آهي ته نئون شيڊيول جاري ڪرڻ سان گڏ ووٽر لسٽ مان خارج ڪيل 700 کان وڌيڪ ميمبرن جا نالا شامل ڪري ڪين چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو جمهوري حق ڏنو وڃي ٻي صورت عدالت جو در کڙڪائڻ سان گڏ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5



ڄامشورو: هڪ ڌنار ناري پنهنجي ڌڻ سان گڏ پل ڪراس ڪري رهي آهي

راضيديرو پرسان ڪورائي برادري جي ڏرين ۾ جهيڙو فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا قتل هڪ زخمي

ڪچي واري علائقي ۾ ڏرين ۾ 1500 رپين جي ڏيتي ليتي تان جهيڙي دوران روشن ٿڌي تي دم ڏئي ڇڏيو

فائرنگ ۾ زخمي ٿيل محمد صديق ۽ محمد علي عرف ڪراڙو ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

اسپتال ۾ زخمي محمد علي عرف ڪراڙو ڪورائي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

راضيديرو(رپورٽ: قربان علي گلال) راضيديرو پرسان ڪچي جي ڦلو ٿاڻي جي حد پنهنجا گهر لڳ ملان محمد اسماعيل جا پڙ ۾ ڪورائي برادريءَ جي ٻن ڏرين ۾ ڪچي واري علائقي ۾ صبح سوير مبينا بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5



راضيديرو: فوتي شخص جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

پٽ شاهه ۽ پرياسي ۾ چورين ڪندڙ ۽ کيسا ڪٽيندڙ گروهه جون 4 عورتون گرفتار

ڳجهي اطلاع تي پوليس دربور ۾ ڪارروائي ڪندي جوابدار عورتن کي سوگهو ڪيو

جوابدار عورتن جي ٻين سائين جي ڳولا جاري، هي گروهه ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث آهي: پوليس

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه سميت مختلف علائقن ۾ چورين ڪندڙ ۽ کيسا ڪٽيندڙ عورتن جي گروهه کي خفيه اطلاع تي پوليس شاهه پوربر مان گرفتار ڪري ورتو آهي هن مقامي ٿاڻي تي رکيو آهي جڏهن ته هنن سان مليل ٻين عورتن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن عورتن جو گروهه چوري، ڦر ۽ ٻين ڪيترن ئي وارداتن ۾ ملوث آهي ...

راڻيپور ۾ ميڊيڪل اسٽور کي شارٽ سرڪٽ سان باهه، ڪروڙين رپين جو نقصان

راڻيپور (ن ع) راڻيپور ۾ قومي شاهراهه پاڪ ميڊيڪل اسٽور کي بجلي جي سرڪٽ مان اوچتو باهه اسٽور مڪمل طور سڙي رک ڪروڙين رپين جو نقصان ڊپٽي ڪمشنر خيرپور پاران ميڊيڪل اسٽور کي لڳل باهه جي رپورٽ طلب ڪري ورتي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو رپورٽ تيار ڪري موڪلي ڇڏي جنهن ۾ هن ميڊيڪل اسٽور جو نقصان 2 ڪان اڍائي ڪروڙ لڳايو آهي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5



راڻيپور: اسٽور کي باهه لڳڻ سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

ڄامشورو ضلعي اندر ڪاٺ جي غير قانوني اسمگلنگ جاري، ڇاپا، ڪيترين ئي گاڏين هٿ

ايس ايس پي ظفر صديق ڇانگا جي اڳواڻي ۾ غير قانوني ڪٽيل ڪاٺ جي اسمگلرن خلاف وٺ پڪڙ شروع

ڪاٺين سان ڀريل گاڏين ۽ لاڳاپيل ڪيس روينيو عملدارن جي موجودگي ۾ وائلڊ لائف حوالي ڪري ڇڏيو

ٻيلن جي تحفظ، ماحوليات جي بهتري لاءِ بنا خوف ڪاروايون جاري رهنديون: ايس ايس پي

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڄامشورو ضلعي اندر غير قانوني ڪٽيل ڪاٺ جي اسمگلنگ جاري ضلعي ڄامشورو جي ايس ايس پي ظفر صديق ڇانگا جي اڳواڻي ۾ ملوث غير قانوني بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ احسان مستوئي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

وارثن سهڻو مستوئي، محمد حيات، محمد صالح مستوئي ۽ ٻين قومي شاهراهه ٻولان وٽ ڌرڻو هنيو

برادري جي بااثرن نوجوان احسان کي تشدد ڪري قتل ڪيو آهي، جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

جيڪب آباد (د ر) ڪجهه ڏينهن اڳ مستوئي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران مارجي ويل نوجوان احسان مستوئي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سندس وارث مستوئي برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪري شڪارپور جيڪب آباد قومي شاهراهه ٻولان وٽ ڌرڻو هنيو ويو مجبورل ماڻهن ڪائر ساڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ان موقعي تي سهڻو مستوئي، محمد حيات، محمد صالح مستوئي ۽ ٻين چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدارن اسحاق ڊومڪي علي گل مستوئي، اڪبر مستوئي، دين محمد مستوئي ۽ ٻين اسان جي نوجوان احسان مستوئي تي تشدد ڪيو جنهن بعد هو مارجي ويو ۽ حد جي صدر ٿاڻي جي پوليس هن وقت تائين قاتلن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي جيڪا زيادتي آهي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو پيا برادري ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي بائيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ غلام حسين پيو ۾ پراڻي برادري تڪرار تان ڪشمور ڪندڪوٽ ڪان رن ٿو ڦاءِ موٽر سائيڪلن تي چڙهي ڪاهه ڪري آيل پيا برادري جي هٿيارٻندن پاران پورهيت مهراب پيو کي گولين هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا، زخمي پورهيت کي وارث علاج لاءِ تعلقه اسپتال پنوعاقل بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ويجهو لغاري برادري جي ڏرين ۾ تڪرار نوجوان پراسرار طور فوت

ڳوٺ خميسون لغاري واسي 22 ورهين جي عرفان لغاري جو مڙهه اسپتال آندو ويو

پٽ کي نعمان ۽ فرمان لغاري تشدد ڪري قتل ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: والد ممتاز لغاري

ٽنڊو محمد خان(د ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ خميسون لغاري ۾ لغاري برادري جي ٻن ڏرين ۾ معمولي تڪرار 22 سالا نوجوان عرفان لغاري پراسرار نموني فوت ٿي ويو نوجوان جي وارثن پاران لاش کي سرڪاري اسپتال ٽنڊو محمد خان کڻي آيا جتي ڊاڪٽر پاران موت جي تصديق ڪئي وئي ٻي طرف فوتي عرفان لغاري جي والد ممتاز لغاري ميڊيا اڳيان ڏانهيندي الزام هڻندي چيو ته منهنجي نوجوان پٽ عرفان لغاري کي اسانجي ڳوٺ جي رهواسي نعمان لغاري ۽ فرمان لغاري جهيڙو ڪري تشدد ڪري قتل ڪيو آهي مونسان انصاف ڪيو وڃي لاش سول اسپتال ۾ پيل رهيو ۽ پوليس پاران ڪوبه ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ آندي وئي آهي. ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته فوتي عرفان بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ۾ محرابپور واسي جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ڪنڊيارو(ن ع) محرابپور جي رهواسي علي رضا گهانگهرو ڪنڊيارو پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي چيو ته ڪجهه وقت اڳ هن پسند جي شادي ڪيا هو پرڙو ڪيو هو جنهن کان پوءِ محرابپور ٿاڻي جي ايس ايڇ او راجا نويد سرفراز سندس گهر تي ڇاپو هڻي ٻي مهينن جا ڊور ۽ هڪ موٽر سائيڪل لڳ ڊيڍ تولو سون به لک بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5



ٽنڊوغلام علي: ايس يو پي سربراهه ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوآدم پوليس پاران مقابلي بعد منشيات فروش کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم پوليس پاران مبينه مقابلي بعد منشيات فروش زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعوا 2 ڄڻا فرار رپوٽ موجب ٽنڊوآدم بي سيڪشن پوليس لائيٽي روڊ تي مبينه پوليس مقابلي بعد هڪ منشيات فروش علي شير خاصخيلي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري وٺانس بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ويجهو 7 هرڻن جو شڪار ڪرڻ جا ٻه الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا

عمرڪوٽ جي ڳوٺ منٺار پيو واسي ڏني بخش، تخت سنگهه ٺڪر، آصف ڪوسو ۽ هڪ نامعلوم جوابدار نامزد

سڀني جوابدارن تي پهرين ڪيس ۾ داخل ڪيو ويو هرڻ ذبح ڪرڻ ۽ ٻيو هرڻ ڪٺي وڃڻ جا الزام

مٺي (د-ر) ننگرپارڪر جي ڳوٺ ماڇيپور ۽ جکرا تيجمال جي ويري واري علائقي ۾ 7 هرڻن جو شڪار ڪرڻ ۽ ڪٺي وڃڻ واري معاملي تي وائلڊ لائف کاتي پاران ٻه الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پهرين ڪيس ڪرائم نمبر 15 ۾ ڳوٺاڻي سوائي سنگهه ٺڪر جي مدعيت ۾ سنڌ وائلڊ لائف ايڪٽ جي قلمن 9(1)، 13، 21 ۽ 49 تحت عمرڪوٽ جي ڳوٺ منٺار پيو جي رهواسي ڏني بخش پيو تخت سنگهه ٺڪر آصف نواز ڪوسو ۽ هڪ نامعلوم شخص کي نامزد ڪيو ويو آهي ايف آءِ آر موجب شڪاري ٻه هرڻ ذبح ڪري ۽ ٻي هرڻ زنده ڪٺي فرار ٿي ويا جڏهن ته ٻيو ڪيس رڄيت سنگهه جي فرياد تي داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ جاٺايو ويو آهي ته جوابدار نيري رنگ جي شيرا جيپ نمبر بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران چار جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس پاران سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، 4 جوابدار گرفتار وڏي مقدار ۾ گٽڪو ماول شراب جون بوتلون ۽ آڪڙا پرچي جو سامان هٿ ايس ايس پي سکر جي هدايتن تي اي ايس پي سٽي ڪيپٽن (ر) محمد صهيب امين جي سربراهي ۾ سٽي پوليس سماجي برائين ۾ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ گهٽا ڏئي قتل ٿيل عورت جو ڪيس داخل 4 جوابدارن خلاف داخل

مقتولا بسمه مهيسر جي والده ساجده جي فرياد تي مڙس شاهزيب ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ ڄاڻايل جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن، جلد ڪين گرفتار ڪيو ويندو: پوليس

ميهڙ (ن ع) گذريل رات ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ لونگ مهيسر ۾ مبينا گهٽا ڏئي قتل ڪيل ٻن ٻارن جي ماءُ مسمات بسما مهيسر واري واقعي جو ڪيس فوتڻ عورت جي امڙ مسمات ساجده مهيسر جي فرياد تي ڇهن جوابدارن مٿان اي سيڪشن ٿاڻي تي ڏوهه نمبر 246/2026 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ فوتڻ عورت جو مڙس شاهزيب عرف ٻيبو مهيسر ، سهرو خير محمد مهيسر ۽ ان جا ڀائر شاهد مهيسر، راشد مهيسر شامل آهن فريادڻ ڪيس ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته مون پنهنجي ڌي بسما مهيسر کي شاهزيب عرف ٻيبو مهيسر کي پرڻائي ڏني هئي جنهن کي مڙس مارڪٽ ڪندو هيو ۽ منهنجي ڌي ڏانهون ڪندي هئي ته مڙس ، سهرو ۽ ٻيا مونکي هڪ ڏينهن ماري قتل بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ماتلي ۾ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ غلام محمد چانڊيو استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

ماتلي (ن ع) قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ هاري ڪميٽي جي ضلعي نائب صدر غلام محمد چانڊيو عهدي ۽ بنيادي ميمبرشپ تان استعفي ا ڏئي ڇڏي آهي . غلام محمد چانڊيو جو چوڻ آهي ته هو گذريل 10 ورهين کان قومي عوامي تحريڪ سان هر ڏک سک ۾ گڏ رهيو آهي ۾ پارٽي سندس پوئواري نه ٿي ڪري بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز پريس ڪلب جي نئين عمارت جو ڪم تيزي سان جاري

چيئرمين حاجي سهيل اختر عباسي، عبدالواحد عباسي تعميراتي ڪم جو معائنو ڪيو

پريس ڪلب جا صحافي هميشه غريب عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪندا رهيا آهن: سهيل اختر

نوشهروفيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه)ايم پي اي ممتاز چانڊيو ۽ حاجي سهيل اختر عباسي ضلعي صدر ڪائونسل چيئرمين نوشهروفيروز جي خصوصي ڪوششن سان ٻه ڪروڙ رپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ نوشهروفيروز پريس ڪلب جي نئين عمارت جو ڪم تيزي سان جاري آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي نوشهروفيروز جي صدر ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين حاجي سهيل اختر عباسي عبدالواحد عباسي سان گڏ تعميراتي ڪم جو معائنو ڪيو ان موقعي تي تعميراتي ڪم تي اطمينان جو اظهار ڪندي حاجي سهيل اختر عباسي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي، نوشهروفيروز پريس ڪلب جي صحافين جي محنت ۽ خدمتن جي اعتراف ۾ هي عمارت فراهم ڪئي آهي ڇاڪاڻ ته پريس ڪلب بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5



ٽنڊوآدم: زخمي شخص کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

پنوعاقل مان چاٻي چور شهري جي موٽرسائيڪل کاهي ويا، متاثر جو احتجاج

پنوعاقل ن ع پنوعاقل جي عيدگاهه چوڪ پرسان ڊاڪٽر شبير پنهور جي ڪلينڪ ٻاهران نبيل پنهيار جي سي ڊي موٽر سائيڪل (ماڊل 2026) چوري ٿي وئي متاثر نبيل پنهيار پنوعاقل پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته سندس چوري ٿيل موٽر سائيڪل جلد کان جلد برآمد ڪري ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

راضيديرو لڳ جوڻ برادري ۾ سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي

ڳوٺ گلو سيال ۾ جوابدارن سڱاوتي ڪرڻ تان ڌنار کي گوليون هڻي ڦرلٽ ڪئي

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي ڌنار کي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان ڪچي جي ڳوٺ گلو سيال ٿاڻي جي حد ريڙي جي پرسان مبينا اعتراض واري جاءِ تي رستو ڪرڻ تان هٿيارٻندن جي ڪاهه 8 مينهون ڦر ،گوليون هڻي ڌنار کي زخمي ڪري وڌو اسپتال منتقل راضيديرو جي ڪچي ريڙي پرسان گلوسيال ٿاڻي جي حد ۾ مبينا اعتراض واري شخص سان رشتو ڪرڻ واري معاملي تان ممتاز جوڻ جي جهنگ ۾ چرندڙ مال تي برادري جي هٿيارٻندن ڪاهه ڪري 8 مينهون ڦر ڪيون ۽ مال چاريندڙ ڌنار محمد صالح کي پڻ جنگهه ۽ هٿ ۾ گوليون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي گلوسيال پوليس پهچي زخمي کي علاج لاءِ گمس اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي ته مون ڏس ۾ ممتاز جوڻ جو چوڻ آهي ته مون پنهنجي ڌيءَ جو رشتو عبدالستار ملاح سان بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو غلام علي: امام واهه جا رهواسي پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ ۾ دعوت اسلامي پاران "شهداءِ ڪربلا" جي عنوان تحت اجتماع منعقد ڪيو ويو

سڪرنڊ (ن ع) دعوت اسلامي پاران مدني مرڪز فيضان مدينه سڪرنڊ ۾ "شهداءِ ڪربلا " جي عنوان تحت اجتماع جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي علامه نويد ڪمال مدني بيان ڪندي چيو ته اسان جي زندگيءَ ۾ ڪئي ڀيرا محرم شريف جو مهينو آيو ۽ گذري ويو اٿي سوچڻو آهي ته اسان بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ واسي جو گهرڀاتين سميت مبينا گهر تي قبضي خلاف احتجاج

مهراڻ ڪالوني واسي نياز رند ٻارڙن ۽ عورتن سان گڏ احتجاج ڪيو

برادري جي بااثرن گهر تي قبضو ڪيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ مهراڻ ڪالوني جي رهواسين نياز علي رند، سڪندر علي رند، معشوق علي رند ٻارڙن ۽ عورتن سان گڏ سڪرنڊ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته درمحمد ، تاج محمد، علي شير اريبلو رند ۽ ٻين سندن گهر تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته گهر تان قبضو ختم ڪرائڻ لاءِ اعليٰ اختيارين کي ڪيترين ئي درخواستون ڏنيون آهن پر تدارڪ ڪون ٿيو سندن چوڻ موجب علائقي جي بااثر شخص علي نواز چانڊيو پڻ فيصلو ڪيو هو پر مخالف ڌر ان فيصلي تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو احتجاج ڪندڙن وڌيڪ الزام هنيو ته ڪين جان سان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن جنهن سبب هو سخت خوف ۽ پريشاني ۾ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

پيارو اسٽيشن ۾ 13 محرم الحرام تي قديمي پراڻو جلوس برآمد، هر طرف ياحسين جون صدائون

پيارو اسٽيشن (ن ع) پيارو اسٽيشن ۾ هر سال جيان هن سال به 13 محرم الحرام تي قديمي پراڻو جلوس مرڪزي امام بارگاهه الحسيني کان برآمد ٿيو جلوس ۾ ذوالجناح غازي علم پاڪ ڪڍيا ويا، جيڪو پنهنجي مقرره رستن پيارو اسٽيشن جي شاهي بازار کان ٿيندو نيو دادو شگر مل جي مين گيٽ تي پهتو جتي مجلس عزا ٿي ۽ زنجير زني جو ماتم پڻ ڪري ياحسين ياحسين جون صدائون بلند ڪيون بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد جي واپاري جي گهران چور سون ۽ روڪ رقم ٻهاري ويا

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ڪيو رام پل پرسان واقع هندو پورهيت سترام جي گهر مان سونا زيور ۽ روڪ رقم چوري ٿي ويا، اڻڄاتل چور پورهيت سترام جي گهر ۾ داخل ٿي گهر اندر رکيل 13 تولا سونا زيور ۽ روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي انجمن بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.